

ری رتن

NARI · RATNA



नारीरत्न

81

سنڌو راڄ پبليڪيشن
جي طرفان آنوکي سوکڙي

ناري رتن

ليکڪ: ٺهلرام "آزاد"

سال: جولاء ١٩٨١] [ڇاپو: پهريون

قيمت: پنج رپيا (ڀارت ۾)
اٺ رپيا (ڀارت کان ٻاهر)

ڇپائيندڙ:
سنڌو راڄ پبليڪيشن
٦- مهراڻ ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي،
روڊ ١٠، پلاٽ ١٦، چهو اسڪيم،
بمبئي - ٤٠٠٠٤٩


SAINIK
PRESSURE COOKER
TEL. 578677 . 576728 . 565807
CABLE : "GREENAGE"
MANUFACTURERS
EVERGREEN TRADES & AGENCIES
36 A MAHAL INDUSTRIAL ESTATE
MAHAKALI ROAD ANDHERI EAST
BOMBAY-400 093. INDIA
SAINIK
PRESSURE COOKER

پيش لفظ

سنڌو راڄ پبليڪيشن طرفان ٻين پيٽ، ساهت پريمي پاٺڪن جي اڳيان پيش ڪندي مان خوشي ۽ فخر محسوس ڪري رهيو آهيان.

ٻهراڻ پيٽ ”گهر جي روشني“ (روسي ڪهاڻين جو سنگرهه) جو اميد افزا سواگت ٿيو.

سنڌيت جي سرگرم پرستار ۽ پرک اديب ۽ پترڪار شري اُتم جو لکيل مهاڳ، اُن ڪتاب جي زينت هو. سنڌي ٻزرگ- عالمن پروفيسر منگهارام اُڌارام ملڪاڻي، پروفيسر ڪلياڻ آڏواڻي ۽ پروفيسر پوپٽ-راج هوتچند لالڳراڻي ۽ دوست ڊاڪٽر ارجن ميرچنداڻي ”شاد“ پنهنجا قيمتي رايا لکي منهنجي همت افزائي ڪئي هئي ۽ ”گهر جي روشني“ کي 1979 لاءِ ”سوويت لئنڊ نهرو شانتي پرسڪار“ عطا ڪيو ويو.

العامي قدرشناسي لاءِ شڪر مونکي ٻرابر ٿڌي ۽ هڪ نئون وچار منهنجي من ۾ اڀريو ته نئين پيڙهيءَ کي ديش جي مهان نارين جي دل اُٿاريندڙ جيون ڪان واقف ڪريان. آزاديءَ بعد اسانجا ديشواسي آزاديءَ جو ميوو ماڻڻ ۾ ئي لڳا رهيا ۽ پنهنجو ڪرتويه وساري ويٺا.

هنديءَ جي باغي شاعر شري ٻلوير سنگهه ”رنگ“ للڪاريندي آگاهه ڪيو هو:

”او ويلو ڪي ٿڪي سائيو!
وجيه ملڻي پر وشرام نه سمجهو“

فهرست

صفحو

NARI RATTAN

(BIOGRAPHIES OF ILLUSTRIOUS WOMEN)

AUTHOR : TAHILRAM AZAD

Address of the author : 6, Mahran, Plot 16, J. V. P. D. Scheme, N. S. Road No. 10, Juhu, Bombay-400 049

Month & Year of Publication: July, 1981

Edition: First

Price : In India Rs. 5-00
Out Side India Rs. 8-00

Publisher : SINDHU RAJ Publication

Printer : Vashdev G. Wadhwani,
"Sundri Printing Press"
Shop No. 4, Chembur Camp Road,
Chembur Colony, Bombay-74

سنڌيءَ جي برک ليکڪا

۽

ناري رتن



ڪماري (پروفيسر)

پوپٽي هيرانندڻي

جنهن هن ڪتاب جو عالماڻو
مهاڳ لکي ڪتاب جي شوڀيا
۾ چار چنڊ لڳايا آهن

پر اسان ”وڃيه“ کي سيکڻ جاٽي ڏنو ماڻجهالڊو
کري ويهي رهياسون. ديش ڏانهن فرض پالهي وياسون
۽ اڄ جيڪا درگتي آهي اها کنهن کان لڪل ڪانهي.

آشاوادي آهيان. آئينده جي اڀن ۽ مائرن ۾ اميد
جو ترورو ڏسان ٿو. انڪري هي ڪتاب لکيو اٿم جو
انهن کي ٿي نذر ڪريان ٿو. هن ڪتاب ۾ انهن ديش
سيوڪن جي مختصر جيوني قلمبند ڪيل آهي جن
آزاديءَ جي هلچل ۾ ڀوڳ دان ڪيو ۽ رهبري ڪئي.
سندن تپسيا، تياڳ ۽ بليدان اڄ به اسان لاءِ هڪ
آدرش آهي ۽ نئين پيڙهيءَ لاءِ روشن منار ۽ پريرڻا جو
سرچشمو آهي.

هن ڪتاب جو عالماڻو مهاڳ سنڌيءَ جي ٻرڪ ليکڪا
ڪماري (پروفيسر) پوپٽي هيرانندڻيءَ لکيو آهي. جا
خود سنڌي ٻولي ۾ هڪ رتن آهي. پنهنجي مهاڳ ۾
پوپٽيءَ جڻ گاگر ۾ ساگر ڀري منهنجو بار خود هموار
ڪيو آهي جنهن لاءِ مان سندس تهدل شڪرگذار آهيان.

مان انهن سڄڻن جو به ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب
جي ڇپائي ۾ مالي طور ۽ ٻئي نموني مولڪي سهيوڳ
ڏنو آهي. شل سندن سنڌي ساهت لاءِ پريم برقرار رهندو
اچي.

— جم سنڌيت —

ڏولرام آزاد

مهاڳ

سيتا جي ڪري رامائڻ جو سرجڻ ٿيو ۽ دروپديءَ جي ڪري مهاڀارت رچيو ويو. جن استرين جي جيون لئي شري ٽهلرام آزاد روشني وڌي آهي، انهن جي ڪري ڀارت جو هاڻوڪو اتهاس لکجي رهيو آهي!

اتهاس گهٽنائن ۽ جيوٽين جي ميل مان جڙندو آهي ۽ گهٽنائون انسان ڪان ۽ انسان جي ڪري ئي گهٽجنديون آهن.

ٽهلرام آزاد ساهت جي "جيوٽي" شاخ لئي قلم آزمائي ڪئي آهي. سنڌيءَ ۾ جيوٽيون ته تمام ٿوريون لکيل آهن باقي به استريءَ جي جيوٽي ته "نه" جي برابر ئي آهي. ليکڪ بسنت جيوٽيون لکيون آهن ۽ ساهت اڪاڊميءَ پاران به ساهت جو هيءُ انگ قابل ذڪر نموني ۾ آباد ئي رهيو آهي مگر آزاد جي چونڊ انوکي ئي آهي! ڌرمپتني، شاعرا، غزل جي راڻي، فيلسوفيءَ جي قائل، نازڪ طبع نازنين ۽ بردبار عورت اهي استريءَ جا ڇهه روپ هن پيش ڪيا آهن.

استري هڪ اهڙي پرولي آهي جنهنکي "پڙهندا ويچارا" ته بلڪل ئي ڪين سمجهي سگهندا آهن. آهي

وڃندي آهي، پنهنجي پتيءَ جي هر نموني جي آزمائش لاءِ هوءَ ٻرپوڪ شالا ٿڻجي پولدي آهي ۽ اهو سڀ ڪرڻ هوءَ پنهنجو ڌرم سمجهندي آهي. ڀارت جي ان ”اڻ ٻڙهيل پتنيءَ“ ۾ جيڪا ”برداشت ڪرڻ“ جي جيڪا شڪتي آهي سا ٻئي ڪنهن ديش جي پتنيءَ ۾ مشڪل ملندي. وواهه روپي سنسٿا کي ٽڪائي رکڻ ۾ استريءَ جي اها شڪتي ئي زياده تر ڪم اچي ٿي. ڪستوربا جي تياڳ ۽ تپسيا، سشيلتا ۽ سهنشيلتا جي ڪٿن ڪري ئي مهاتما پنهنجي گهر گرهستيءَ واري ڪيتر کان ٻي اونو رهي پنهنجي ڪارڄ ۾ اڳتي وڌي سگهيو هو. هندستاني مڙس جي زال ٿيڻ هوئن ئي ڏکيو آهي، باقي ٻه جيڪو جالي، ڌرم يا ديش صدقي ميدان ۾ لهي پيهي اُن جي پتني ٿيڻ ته اُن کان گهڻو ڏکيو ڪم آهي پر ڪستوربا آهڙو پتنيپڻو پنهنجي سهج سوجهه ٻوجهه سان نباهي وئي هئي.

ڪملا نهرو ڀارت جي ٻهرئين پرڌان منتري ۽ لاڏلي اڳوان جواهرلعل جي پتني هئي. استري مختلف چيزن جو سماس آهي، اهو ڏسڻو هجي ته ڪملا نهروءَ کي ڏسجي. ناز سان پليل هن نازڪ سپاهه واري نازنين ۾ ڪيترو نه ساهس ۽ حوصلو موجود هو! هوءَ ديش کان پري سئنيٽوريم ۾ زير علاج ۽ سندس پتي ميٽنگن ۽ جيڙن ۾ مشغول! هوءَ سخت بيمار ۽ هو جيل ۾ ٻاند! جواهرلعل

اُن پروليءَ کي انهين ئي پيدا آهن جنهين هوءَ ڪالهه
گهڻو دور هلي ويندي آهي!

هندي ڪوي مٿلي شرڻ گپت چيو آهي:

"ايڪ نهين دو دو ماترائين
هنءَ نر سين ڀاري ناري!"

سنسڪرت ڪوي ڪاليداس جو چوڻ آهي ته:

"استري گل جي پنکڙيءَ کان وڌيڪ نازڪ ۽ وجر
کان گهڻو سخت آهي!"

سمرتي لکندڙ منوءَ مهراج لکيو آهي ته:

"استريءَ جو من تمام چنچل آهي پر سندس تن
نهايت ئي ڪمزور آهي."

ان پروليءَ کي نه سمجهي ڪنهين لڪشميءَ کي
وشنوءَ جي پيرن ۾ ويهاريو ويندو آهي نه ڪنهين
پاروتيءَ کي شو مهراج جي ڏائي پاسي واريءَ گود ۾!
(ڏائي پاسي منش جو هردو آهي) ڪنهين ايران جي
تهذيب موجب عشق ڪرڻ جو نخرو مرد کي سونپي
استريءَ کي صرف "حسن" ڏنو ويندو آهي نه ڪنهين
هندستاني روايت موجب برهم جي ڏيوانگي راڌا ۽
ميران کي ئي عطا ڪئي ويندي آهي!

ڪستوربا ڀارتيءَ "پتني" جو اهو روپ آهي جو
پتيءَ جي هستيءَ ۾ ڪوهجي گم ٿي ويندو آهي
هندستاني پتني، پتيءَ وٽان مليل هر قسم جو زهر پي

ونين ته پٽرول تي آزاد ٿيڻ بدران تون جيل مان ٿي ڇٽي ويندين.“ ڪملا کي گهٽو بخار هو تڏهين به جهيڻي آواز ۾ پٽيءَ کي چيائين، ”سرڪار جي لالچ ۾ نه پئج. تون ڪاٻه خاطري نه ڏج!“ ۽ جواهر وري جيل اماڻيو ويو. هيءَ کهڙو نه عجيب تياڳ آهي! ڪيڏي نه وڏي قرباني آهي هيءَ!

هنڪي ڇٽبو آهي جيون ساٿڻ! ان کي ٿي ڇٽبو آهي ڪمزور ۽ ابل شرير ۾ بلوان مَن! هيءَ ٿي روپ آهي جنهنجو ڪاليداس ورڻن ڪيو آهي.

اسانجي اسڪول (ڪنداسل گرلس هاءِ اسڪول) جي هيڊ مسٽريس هئي مس ڪيمچند. سروجني ديوي ٿي هنجو آدرش هئي. هوءَ سروجني ديويءَ جيئان ٿي پن وجهي کاڌيءَ جي ساڙهي ۽ ڪنن ۾ لڏلڏو ڊر پهريندي هئي ۽ نلڪ به ڏيندي هئي. ڪلاس ۾ پاڙهڻ وقت پڻ هوءَ سروجنيءَ جون ڪوتائون ٻڌائيندي هئي. اسڪول جي هال ۾ سامهون ڀت تي سروجنيءَ جي پينٽ ٿيل آدم قد چتر ٽنگيل هو. اها سروجني ديوي جڏهين آل انڊيا وومينس ڪانفرنس وقت حيدرآباد ۾ آئي ۽ اسانجو اسڪول ٿي ڪانفرنس لاءِ استان مقرر ٿيو ته اسين ڏاڍو خوش ٿيوسين. مهورتي اُسڙ وقت موڪي کاڌيءَ جي ساڙهي پهرائي موڪان سروجني ديويءَ جي ڪولا ڇوائي وئي هئي! ماسترياڻيءَ جيئن سيکاريو هو

سندس سرڳواس ڪري وڃڻ بعد لکيو هو ”مون کي سهارو ۽ طاقت ڏيڻ لاءِ ڪملا نه هجي ها... منهنجي اڪيلي من ۽ سرير کي اوجيون نه ڏي ها ته ڀلا مان ڇا ڪري سگهان ها؟“

اهو سڀ لڳاتار بيماريءَ ۾ ورتل ڪملا ڪيو ۽ ڪيس موٽ ۾ ڇا مليو؟ انتظار، وڇوڙو، ڪم ۽ هڪ بت واري زندگي!

۽ اڄ سندس ڌيءُ اندرا گانڌيءَ جي ”ساهس ۽ حوصلي“ سان ڪير ٿو برابري ڪري سگهي؟ ڇا اهي گڻ سندس ماءُ جي ڏنل نه آهن؟

ڪملا نهروءَ سٽزرلينڊ جي سينٽيوريم مان لکيو هو، ”جهالت سبب هندستان جي استريءَ جي حالت رحم جوڳي آهي. کيس پنهنجن بنيادي حقن جي به پروڙ ڪانهي. مان الي أچان ته ڪوشش ڪندس ته جيئن هوءَ شرمناڪ حالت مان نڪري مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي ڪري سگهي...“

۽ ماءُ جي ان سپني کي ساڪار ڪري ڪملا جي ڌيءُ مرد سان ڪلهو ملائي نه، ڇا، سڀني ڪلهن کي پٺيان ڪري پاڻ اڳيان نڪري آئي آهي! آفرين!

ڪملا جي بيماريءَ سبب سرڪار جواهرلعل کي آزاد ڪيو. سندس پتنيءَ جي سخت بيمار هئڻ جو وجهه وٺي سرڪار جواهرلعل کي لالچايو ته ”هلچل ۾ ڀاڱو نه

کي اُپنائي ۽ اسانجي ملڪ کي پنھنجو ڪري اُن جي آزاديءَ واسطي ڪوشش ڪري سا ڪھڙي نہ عجب ۾ وجھندڙ ڳالھہ آھي!

بيگم اختر نہ منھنجي ھڪ خوبصورت ياد آھي. سندس مھڪندڙ ڇھڪندڙ آواز... آب حيات اوليندڙ آواز.... غزل جي لفظن جي ڦولن تي قدم رکندو، مرڪ ۽ لاھي چاڙھيءَ جي بجلي ڪِرائيندو منھنجي روح کي اُڏائي متي کڻي ويندو آھي ۽ ڪيس نـوُر جو سمان ڪرائيندو رھندو آھي! ھن جو آواز آسان لاءِ ھڪ لافاني تحفو آھي. جسماني طرح ھوءَ ماضيءَ جي ڌنڌ ۾ کوھجي وئي نہ منھنجيءَ دل بي اختيار چيو:

اتني بي رخي بي کيا - ھٽہ بي انسي کيا جلدي
ٿھرو قافلي والو - ھم بي ساٿ چلتي ھئن

شبد، آواز، ناد يا نام ڪا رواجي چيز نہ آھي. پنجن تتن مان ھڪ تت آڪاش يعني پولاڙ آھي ۽ پولاڙ جو گڻ آھي ناد يعني آواز! اھو ئي ناد آھي جو اسانجي اندر ۾ وڄي ٿو، اھو ئي ناد آھي جنھن والميڪيءَ کي درشن ڏنو، اھو ئي آواز آھي جنھنکي پراڻن جي ڪتابن ۾ "آڪاش واڻي" ٿا سڏين، اُپنشدن ۾ ناد برھم ۽ گور واڻيءَ ۾ اناھد شبد! شاھہ لطيف بہ سامين ۽ سگرين جو ناتو سر رامڪليءَ ۾ ذڪر ھيئت آندو آھي.

پيڻ جيئيءَ کي جڻ شاھہ لطيف جي ھدايت ھيئي

ليڪن ٻيا سمجهڻ جي طوطي جيئان ٻر جذباتي نموني ۾
جڏهين مون ڪوتا چئي پوري ڪئي ته هن مون کان
پڇيو ”رڳو چئين ٿي ته ان ڳالهه ۾ اعتبار نه آئيني لـ
ڌرم سڀ هڪ آهن؟“ مهنجون ته ٻيون ٿي منجهي
وڃون! هن ڪلي چيو: ”مهنجو ڏوهه ناهي. هي ٿلهي
ڪاڏيءَ جي ساڙهي ٽوڪي ٻهراڻي ويئي آهي، تو ٿورائي
ٻالي آهي؟“

سروجني ديويءَ جڏهين اُنــي ڳالهيو لڏهين هڪ
ٻهاڙي جهرڻو ”نـا نئي.... نـا نئي“ ڪندو وهندو اچيندو
پئي هليو. ڪيترنا سان ڳالهه چئي پوءِ وچ وچ ۾ چرچو
ڪندي پئي هلي. پاسي ۾ ويٺل اُروٽـــا اُصـف علي
ڏانهن مخاطب ٿي ٿهڪ ٻه پئي ڏنائين. اَڄ ٿي ٿي محسوس
ڪريان ته ڪهڙي نه ٻاڳوان آهيان جو اهڙيءَ شخصيت
ڪي ڏٺو ٻڌو هيم!

اَنڊي بيسنت جو نالو حيدرآباد جي بيسنت لاج ۾
چينمل پرسرام جي والان ٻڌل هو. مان گهر کان اسڪول
۽ اسڪول کـان گهر ايندي ويندي هيس. تمام اتفاق
سان آرتوار ڏينهن صبوح جو بيسنت لاج ۾ ليڪچر ٻڌڻ
لاءِ مهنجو پـاڻ زور ڪري وٺي هلندو هو. گهڻو پوءِ
وڏي هوندي ڊاڪٽر انڊي بيسنت بابت پڙهي هن لاءِ
گهڻي شرڌا جاڳي هئي. هڪ انگريز عورت سمپورڻ
روپ ۾ ڀارتواسي بڻجي هئي جي سيتا ۽ فلسوفي

جيئن پاڻي ۽ باقي ٿئي ٿي. باقي ۾ جلن ۽ گرمي وڌيڪ آهي چاڪاڻ ته انجو وجود اسٿول جل کان ٻيءَ طرح جو آهي.... اوڻ سوکيم آهي. استريءَ جي جذبات ۾ ليزي، نڪاڻ، گهراڻ وڌيڪ هوندي ٿي پرش کان وڌيڪ آهي....

اڙي.... مونکي ته مهاڳ لکڻو هو ۽ ڪهڙو نهلرام آزاد بابت ٿي چوڻو هو پر آزاد وٽ ته اهڙي چوڻي آهي ۽ جيوٽيون به اهڙن جون ٿي چولڻيون آهن جي منهنجي آتما سان مليل جليل آهن. جنهن لاءِ وٽ ۾ اهڙي کوهجي وڌي آهيان جو آزاد ته مونکي ياد ئي نه رهيو آهي! ها... مان هن ڪتاب جو مهاڳ ته ٿي لکان صرف ٻه چار لفظ ئي ٿي آڇيان.

نهلرام آزاد جي ٻولي تمام سٺي، چوڻ ان کان به سٺي ۽ وٽ ان کان به گهڻي لياقت سان ڀرپور آهي. خبر ناهي هي شخص. جو آزاديءَ جي جنگ جو سپاهي هو ۽ آهي، سينما ايڪٽريس نرگس يا ملڪه ترنم اختري بائيءَ لئي اهڙي سهڻا سان قلم ڪيئن ٿو هلائي وڃي! انسان ڀوڳي ٿو ۽ ڀوڳيندو آهي انڪري شايد آزاد جا شوق به گهڻن ئي قسمن جا آهن.

مونکي اميد ئي نه بلڪ پڪ آهي ته سنڌي جنتا هن ڪتاب جو سواگت ڪندي ۽ خوب ڪندي.

پوپٽي رامچند هيرانندا ڻي

٨١-٦-١٠

سان هنداڻل هئي ”لوڪ وڃي اوڀارو ته ڪون وڃ
لهوارو“. مسلم گهٽائيءَ وارو پرڳڻو، ماڻهو ڪاروباري
لياقت يا پارليامينٽري سرشتي کان ناواقف ۽ هيءَ پير
کنواري! لڏهين ۽ سر غلام حسين هدايت الله هجي يا
خان بهادر کهڙو- هيءَ ته ٻڌي اڃي ڪين سڀ چئي
ڏيندي هئي! خان بهادر کهڙي جي گهر ۾ کيس چيائين،
”تنهنجي گهر ۾ چانهه جو هڪ ڍڪ به نه پيئنديس.
الله بخش سومرو منهنجو مٽ هو ۽ تو منهنجي مٽ جو
خون ڪرايو. مان پنهنجي مٽ جي خونيءَ وٽ چانهه
ڪيئن پيئان؟“ خان بهادر کهڙي جواب ۾ کيس چيو ته
”الله بخش سومري جو پٽ ۽ ڀاءُ ٻئي مون وٽ ايندا
ويندا ۽ کائيندا پيئندا آهن“. پير جيئيءَ کيس چيو،
”اهي مرد آهن. مرد جو رشتو صرف رت جو رشتو
ٿيندو آهي جو وقت پوندي ڪمزور ۽ ڍلو ٿي ويندو
آهي. پر مان عورت آهيان. عورت جنهن سان
رشتو جوڙيندي آهي اهو مقدس روحاني رشتيدار
بڻجندو آهي. مان پنهنجي روحاني مٽ جي خونيءَ کي
معاف ڪري نه سگهنديس“.

پير جيئيءَ جو مٿيون گفتو عورت- پروليءَ کي سلي
ڇڏي ٿو! عورت صرف بدن نه آهي، جيئن کيس
سمجهيو ويندو آهي. حقيقت ۾ هوءَ بدن کان وڌيڪ
روح آهي ۽ روح اسٿول نه بلڪ سوکم ٿي آهي انهن

راشٹر ماتا



کستوربا

راشٽر ماتا

ڪستوربا

چوندا آهن محبت ۽ مشڪ جي سرهاڻ کي لڪائڻ ناممڪن آهي. مشڪ کي سنڌيءَ ۾ ڪستوري يا ڪستوري به چئبو آهي. اها هرڻ جي نافيءَ ۾ ٿيندي آهي. فضا کي معطر ڪندي آهي.

گجرات جي هڪ اهڙي اديب ناريءَ جو نالو به هو "ڪستور". جنهن انَ وقت جنم ورتو هو، جڏهن ڀارت ۾ انگلنڊ جي مهاراڻي وڪٽوريا جي سامراج جون پاڙون پختيون ٿي رهيون هيون.

بالغ ٿيڻ بعد انَ ڪستور، انگريزي حڪومت جو بنياد لوڏي ڇڏڻ واري موهنداس ڪرمچند گانڌيءَ سان لانئون لڌيون ۽ سندس جيون ساٿي بڻجي آزاديءَ جي هلچل ۾ اهم ڀومڪا نڀائي ۽ "ڪستوربا" جي نالي سان لوڪپريه بڻي.

ڇمڪندڙ ليڪا، سنهڙا چپ. پر معمولي ڪٽنب ۾ پليل ننڍڙي قد واري هن ڪستور ۾ ڪي الوڪا گڻ به ڀريل هئا، جنهن جي ڪارڻ اڄ هوءَ اتهاس ۾ امر آهي.

ڀارت ڀرمڻي ڪرال لبن هارت جي لفظن ۾:

”ڀارت ۾ اسانکي سفيد کاديءَ جي وڳي ۾ هڪ لائالي عورت جو درشن ٿيو. جيڪا اول درجي جي سگهڙ عورت جي روپ ۾ سيواگرام ۾ رهندي آهي ۽ آشرم واسين جي هر ضرورت جي پوراڻي ڪرڻ ۾ مشغول رهي ٿي. اها آهي ”ڪستوربا“.

معصوم ۽ شفاف دل واري سڀاجهڙي ڪستوربا آزاديءَ جي سپاهي به هئي. ”با ۽ باپو“ جي جوڙي- ”ساهس ۽ ساڌنا“ جو ملن- ٻئي هڪ ٻئي جا پورڪ، پر ڪستوربا ڪجهه سرس ٿي هئي.

قدرت جو اهو اٽل نيم آهي ته وڏي مقصد ۽ ڪارڻ لاءِ هن ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ شخصيتن جي پٺيان هڪ پريرڻا جي شڪتي به هوندي آهي. هڪ ٽڏيري چاڙو- گانڌيءَ لاءِ اها ٽڏيري چاڙو هئي ”ڪستوربا“.

ويهين صديءَ جي ڪيترن عالمن، وطن پرستن ۽ ودوانن هڪ آواز ۾ چيو هو ته ”پراڻن جي ڪٿائن ۾ جيڪو درجو سيتا، ساوتري، دميتي جو هو اهو ئي درجو ڪستوربا جو هو.“

ڪاٺياواڙ (گجرات) جي پوربندر ۾ سن ١٨٦٩ ۾ ڪستوربا جو جنم پتا گوڪلداس مکن جي ۽ ماتا ورج ڪنور جي گهر ۾ ٿيو. ساڳئي شهر ۾- ساڳئي سال موهنداس جو جنم ڪرمچند گانڌيءَ جي گهر ۾ ٿيو هو.

گانڌيجيءَ جي پتني ٿيڻ ڪو رواجي يا آسان ڪم ڪونه هو. تياڳ ۽ تپسيا جو جيون ڪيترو نه ڪٺن آهي. خود باپوءَ پنهنجي آتم ڪٿا (ستيه جا پريوگ) ۾ لکيو آهي:

"اسانجي وچ ۾ خوب جهيڙا ٿيندا هئا، پر آخر نتيجو سٺو نڪرندو هو. ڪستور ۾ غضب جي برداشت ڪرڻ جي قوت هئي ۽ سو به ڪيس ملندي هئي."

دراصل ڪستوربا اهو پڪو ارادو ۽ فيصلو ڪيو هو ته پتيءَ جي پيروي ڪرڻي آهي. هڪ هندو يا هندستاني استريءَ وانگر هن پنهنجي زندگيءَ جو اهو ئي مقصد بڻايو.

گانڌيجيءَ اوچ تعليم ورتي ۽ هندستان ۽ دنيا جو وڏو اڳوان ٿيو. پر ڪستوربا بلڪل ڪوري هئي.

مهاتما جي پريوگن جو شڪار به ڪستوربا کي ٿيڻو پيو ۽ هوءَ ثابت قدم رهي.

باپو رواجي طور گهر جي ڀاتين تي ڪا زور زبردستي ڪرڻ نه چاهيندو هو، پر ڪستوربا جي جيڪا پرک ٿيندي هئي تنهن ڪجهه غلط فهمي پيدا ڪئي. ماڻهو سمجهندا هئا ته ڪستوربا دکي ٿي رهي. سندس هڪ ساهيڙي ليلاوتي پڻ ان قسم جو خط به لکيو هو. ڪستوربا کي اهو خط ڪونه وڻيو. سومان پسند ڪستور پنهنجي ساهيڙيءَ کي وراڻيو: "... گانڌيجي مون کي ڏاڍو دکي

ٻنهي پرڀوارن جا پاڻ ۾ گهرا ناتا هئا.

موهنداس ۽ ڪستور جي عمر ۾ صرف ٦ مهينن جو فرق هو. ٻنهي ڀائرن - ڀينرن ۾ ڪستور ۽ سندس ڀاءُ ماڌوداس وڏي آورجا ماڻي.

ان ڏينهن ڇوڪرين کي اسڪولي تعليم ڪانه ملندي هئي. ڪستور به اڻ پڙهيل هئي. پر گهرو ڪم ڪاج ۾ ڏاڍي پڪي هئي. ڪٽنب وارن کيس سٺا سنسڪار مليا هئا.

ڪستور جو پتا واپاري هو ۽ موهنداس جو پتا پوربندر رياست جو ديوان. ليڪن سچيتا ۽ ايماندار هئڻ سبب مالدار ڪونه هئا. ٻنهي جي پاڻ ۾ گهاٽي دوستي هئي. ڪستور ۽ موهنداس جو مڱڻو ستن سالن ۾ ۽ شادي تيرهن ورهين جي عمر ۾ ٿي، هڪ طرح اهو ٻال وواهه هو. بعد ۾ باپو "ٻال وواهه" جو ڪٽر مخالف ٿيو.

اڻ پڙهيل ڪستوربا ۾ دانشمندي ۽ سوجهه ٻوجهه هوندي هئي. سشيل ڪستوربا شيوا ۽ سهن شيلتا جي ساکيات مورتي هئي. بزرگن لاءِ کيس بيحد ادب ۽ عزت رهندي هئي.

ڀارتي ناريءَ جو آدرش روپ هئي. هن ۾ اڪل شڪتي هئي جنهن کيس پتيءَ جي ڪٺن کي سمجهڻ ۽ بعد ۾ نڀائڻ ۾ مدد ڪئي. گانڌيجيءَ جي ڪسوٽيءَ تي کري ثابت ٿي.

ڪيون، اُنهن ۾ با لاءِ پنجاهه تولن جو سونو هار به هو. اُن شاندار نيڪليس تان آهو ڪٽڻ سولو ڪم نه. ڪين هو پر گانڌيءَ همت ڪيو نه. اهو هار ۽ سوڪڙيون ڪستوربا کي نه رکڻ ڏنيون.

ڪستوربا به استري هٺ کان ڪم ورتو، چيو، "مونکي نه تو ٺڪراڻي بڻايو. پر مهنجي ڌيئرن - نونهرن تي اهو بندش نه وجهو، سو مهنجا ڳهه ڳٺا سڀ ڇڏي ورتا. پر ٻارن کي ٺڪراڻي نه بڻاءِ.

پر آهستي آهستي ڪستوربا باپوءَ جي نصيحت تي عمل ڪيو ۽ ڪيس "اپريگرهه" جي سمجهه ۾ اچي وئي. هن سڀ مٽيو ۽ مال خوشيءَ ۽ فراخدليءَ سان قومي خزاني ۾ ڏيئي ڇڏيو.

گانڌيءَ جي خواهش هئاندڙ ڪستوربا لکڻ پڙهڻ ۾ نه چاهه ورتو. چاليهن ورهين جي اوسٽا ڪانپوءِ ٻيون ڳالهيون سکڻ جي سگهه ۽ چاهنا ٿورن ۾ ٿيندي آهي. پر با کي رکي پنهنجي بي علميءَ جو احساس ڪمتري ستائيندو هو. هن همٿ کان ڪم ورتو.

نارنگيءَ جو رس ڪيندي، انجي ذريعي پرٿوي گول هئڻ جو گيان حاصل ڪري ورتو. هنجو جگياسو من وڌيڪ ۽ وڌيڪ سکڻ لاءِ آتو ٿيو.

جيل ۾ رهندي به هن ميران ٻيڻ کان هندي سکي ورتي. ڊاڪٽر سشيلا نائر کان به ڪجهه نه ڪجهه سکندي

ڪيو آهي... منهنجو موهن ملول رهي ٿو... ڪاڏو پيٽو
نه برابر اٿو ملي.... سو ٿو ن ڏسڻ آئي هئينءَ ڇا؟"
پيٽ! مون جهڙو پيٽي دنيا ۾ ڪو ورلو هوندو. سچ جي
سبب سڄي دنيا ڪيس پوڄي رهي آهي.

هزارين ماڻهو سندس صلاح وٺڻ اچن ٿا. ڪو جيڪو
الزام منهنجي پيٽي تي لڳايو آهي، اُن تي ڪو آبوجهه
نه ويساهه ڪونه ڪندو.

بابو اوائلي جيون ۾ ڪافي شوقين جيئرو ٿي رهيو.
بعد ۾ هن سادگي ۽ فقيري اختيار ڪئي. ڪستوربا ۾
سادگي نه سپاوڪ هئي. سڄي آشرم ۾ سڀ کان سادو
بسترو نه با جو ٿي هوندو هو. پيٽي نه ننڍڙي ۽ هلڪي
رهندي هئي. اڊمبر ۽ ناٽڪ بازي کان ونءُ ويندي هئي.
بابوءَ جي صحبت ۽ اثر هيٺ چانهه، ڪافي ۽ مهانگو
ميوو کائڻ نه ڇڏي ڏنو. سالهه ورهين تائين بنا گيهه ۽
دال ڪالسواءِ هن خشڪ کاڌو ورتابو.

بابوءَ سمسڪرتيءَ ۾ اهو جيون آهي "اپريگرهه وارو
جيون" بنا محنت ۽ حق ڪالسواءِ ڪجهه به نه وٺڻ ۽ ورتائڻ.

پر اها ديکشا با کي ٿولهن ۽ ڏينهن تي مٿڻ مدال
هئي. ڏکڻ آفريڪا ۾ آهڙي آزمائش مان نه هوءَ پار
لنگهي. اهو پرسنگ هن ريت آهي.

ليتال واسين بابوءَ جي شيوائن جو قدر ڪندي
ڪيس سون، چاندي ۽ هيرن موتين جون سوغاتون پيش

جيون ۾ ٻئي ڪنهن جو دخل برداشت ڪانه ڪندي هئي. بعضي ڪو اڙٻنگ وديشي سندن شان ۾ گستاخي ڪري ته هوءَ به ٺهڪائي ڏيندي هئي.

جاهنسبرگ ۾ گهمڻا

هڪ ڀيري سيٺ گانڌيءَ جي گهر ڀوڄن ڪرڻ آيو. اچڻ سان ئي هن حضرت بيهودا سوال پڇڻ شروع ڪيا. باپو صبر سان هر سوال جو جواب ڏيندو رهيو. مثلا، ”هندوستاني ڇا ڪندا آهن، ڇا کائيندا آهن، ڪيئن رهندا آهن وغيره.“ اهو سوال ڪجهه بيدي لوع ۾ پڇندو رهيو. گهٽ درجي واري ذهنيت سان مذاق به ڪندو رهيو ۽ ڏاڍ ڪيڏي کلڻ لڳو.

گانڌيجي ته شانت ساگر هو، پر ڪستوربا کان رهيو نه ٿيو هوءَ اعتراض وچان اٿي هلي وئي. باپوءَ جي سڏائڻ تي به نه آئي. بعد ۾ چيائين، ”هڙا بيهودا ماڻهو منهنجي گهر جي رنگ ڍنگ ۽ مذهبي وشواسن جو مذاق اڏائين سو مون کان برداشت نه ٿيندو.“

اهڙو هو ڪستوربا - راشٽر ماتا جو راشٽر ايمان!

ڪستوربا محڪم ارادي واري هوندي هئي. پنهنجي اصول تي پابند ۽ اڏول. کيس شراب ۽ ماس مڇيءَ کان سخت پرهيز هوندي هئي ڏکڻ آفريڪا جي ڊربن ۾ سندس آپريشن ٿيو ۽ هوءَ ڪافي ڪمزور ٿي وئي. ڊاڪٽر کيس گوشت جو سوپ ۽ بيف - ٽي وٺڻ جي صلاح ڏني. ڪٽر وشنو ڪستوربا کي اها صلاح ڪانه

رهندي هئي.

هڪ ڏينهن اساهه وچان، پوني جي آغا خان محل ۾ (١٩۴٢) سٽڻ لاءِ لونبوڪ گهرائڻ وقت هڪ ڪاپي ڪستوربا پنهنجي لاءِ به چني. موت ۾ گانڌيءَ به چار ڪاغذ سندس هٿ لئي رکيا.

ڪستوربا کي ڏاڍو رنج ٿيو. سروجني نائيڊو ڪسي سمڪ پئي ته هن چپ چاپ نونبوڪ گهرائي ورتو. پر خود دار ڪستوربا اهو لونبوڪ ڪڏهن به ڪم ۾ ڪين آندو. ورهين تائين اهو نونبوڪ باپوءَ جي ڪاغذن جي پيٽ ۾ پيو هو.

زندگي ۾ هر امتحان جي گهڙيءَ ۾ ڪستوربا پتيءَ کي پورو پورو ساٿ ڏنو. چاهي ڏکڻ آفريڪا جي فسادن ۾ چاهي سول نافرماني تحريڪ ۾. ڏکڻ آفريڪا ۾ ڏارين جيل به جوتا پاسڻ ذونئڻ ڪان عار نه ڪيائين. گانڌيءَ ڪئور سڀاءَ وارو هوندو هو. ٻين جي وچ ڪمت پت ليندي هئي، پر صبر ۽ سوجهه ٻوجهه سان گانڌيءَ کي شانت ڪرائي ڇڏيندي هئي.

سندس پوٽيءَ ۽ پارليامينٽ ميمبر شريمتي سمترا ڪلڪرڻيءَ جو چوڻ آهي ته جيڪا خود داري ۽ آزادي جي پختگي منهنجي ڏاڏيءَ ۾ پرائل هوندي هئي، سا جديد عورتن ۾ به نظر ڪانه ايندي.

ڪستوربا جو سڄاءُ رنڊو ملڻو هو. ليڪن هوءَ خانگي

ٿيو تہ عيسائي مذهب پٽاندڙ شاديءَ کانسواءِ ٻيون سڀ شاديون ناجائز يا بي قاعدي ٺهرايون ويون. انجو صاف مطلب هو تہ مرڻ کانپوءِ مڙس جي سموري ملڪيت سرڪار هڙپ ڪري وڃي.

گانڌيءَ سرڪار کي ذهن نشين ڪرايو تہ هيءَ بي انصافي دور ڪريو، پر سرڪار هوڏ تي قائم رهي. گانڌيءَ ستياگرهہ شروع ڪيو. مردن زالن ۾ ٻار جيل پرڻ لڳا. ڪستوربا سڀ کان اول ستياگرهہ ڪيو ۽ جيل ياترا ڪئي.

ٻال ڪرسٽ جيل ۾ ٻا کا سخت پورهيو ڪرايو ويندو هو. پر کاڌو سڙيل - ٻاسي ردي ٻاسڻن ۾ ملندو هو. ٻا کان سٺو نہ ويو ۽ هن بک هڙتال شروع ڪئي.

جيل جي عملدارن کيس طعنو هنيو، ”اهڙا نخرا ڪرڻا هئا تہ جيل جي اچڻ جي ڪهڙي ضرورت هئي؟“

پر ڪستوربا پنهنجي پرتگيا تي اٽل رهي.

جيل اختياريءَ وارا هن معمولي عورت جي غير معمولي همت تي حيران هئا. عملدارن جي بہ اک کلي ۽ هوءَ بہ سندس مداح بڻجي پئي. پنجن ڏينهن بعد سرڪار جهڪي. جيل جي بندوبست ۾ سڌارو آندو ويو. ٻا جي بک هڙتال سڦل ٿي.

ٽن مهينن جي سزا کانپوءِ ڪستوربا هڏن جو پڃرو ٿي نڪتي. پر سندس چهري تي تيج نمودار هو.

سروجني نائيڊو جي لفظن ۾ چوان تہ ”ڏکڻ آفريڪا جي ستياگرهہ ۾ ڀاڱو وٺڻ جي پرپرٽا ڪستوربا جي

آنڌي. ڊاڪٽرن ڪيس ڏوکي سان ”سوپ“ پيئاريو. علاج جي پورنا سان معلوم ٿيڻ تي ٻا ۽ ٻاپوءِ کي سخت صدمو ٿيو. هنن ڊاڪٽر تي سخت ملامت وڌي ۽ ڊربن ڇڏي جوهانسبرگ لڏي ويا. ڪستوربا جو سنسڪاري من اهو برداشت ڪيئن ڪري ته پنهنجي صحت ڪارڻ آپهر ۽ نردوش جانور جو ڪوس ڪيو وڃي. ٻاپو ٻا جي سيوا ڪئي ۽ قدرتي علاج ذريعي ٺيڪ ٿي ويئي.

ڪستوربا جي جيون جو هڪ ٻيو دل اڻاريندڙ مثال آهي: پنڊت جواهرلال نهرو جي ڀيڻ شريمتي وجيالڪشمي پنڊت جي شادي ٿيڻ واري هئي. نهرو پريوار جي هلت چلت شاهاڻي هوندي هئي. مالا سروپ راڻيءَ جي مرضي هئي ته سندس ڌيءَ جي شادي شان شوڪت سان ٿئي. پر گانڌيجيءَ سادگيءَ تي زور ڏنو، جنهن ديشواسين جي لاءِ هڪ آدرش بڻجي.

ڪستوربا اُن موقعي تي پنهنجي هٿ سان اُٽيل ۽ ڪتيل ڌاڳن مان سوٽي کاديءَ جي نفيس ساڙهي وجيالڪشميءَ کي ڀيٽ ڪئي ۽ اُن ساڙهيءَ ۾ ئي وجيالڪشمي پنهنجي گهوٽ رڻجيت پنڊت سان لانوَن لڌيون. سڄي ديش ۾ ڪستوربا جي شفقت ۽ نهرو پريوار جي سادگيءَ جو ڌاڪو ڄمي ويو.

ستياگرهي

استرين ۾ پهرين ستياگرهي به ڪستوربا هئي. سن ۱۹۱۳ع ڌاري ڏکڻ آفريڪا ۾ هڪ ڪارو قانون پاس

ڏاڍي دليري ۽ اوچائيءَ سان پنهنجي ڪم سنڀاليا.

سابرمتي ۽ اُن بعد سيوا گرام ۾ نه ... کيس ساکيات ديوي ڪري پوڄيندا هئا. آشرم واسي پيرون ڪستوربا مان پريرڻا حاصل ڪري سواولمبي جيون شروع ڪيو. جن کي گانڌيءَ جي اڳيان ڪجهه ٻولڻ ۾ هٻڪ ٿيندي هئي اُن جي مَن جي ڳالهه ڪستوربا ٻڌندي هئي.

سنه ١٩٤٢ع ۾ ڪستوربا جهڙي فولادي جگر واري عورت کي به سخت امتحان مان لنگهڻو پيو. "راڄ ڇوڙيو" جي الزام هيٺ گانڌيءَ کي انگريز سرڪار ٦ سال قيد جي سزا ڏني. ليڪن ڪستوربا پاڻ سنڀالي ورتو ۽ راشٽر کي سنديش ۾ چيائين:

"منهنجي پتيءَ ڏانهن وفادار ديشواسين کي منهنجو عرض آهي ته هو پوريءَ طرح جوڙجڪي ڪم ۾ جنبي وڃن ۽ هن هلچل کي ڪامياب بڻائين."

آشرم ۾ ڪستوربا جو گهڻو وقت گانڌيءَ جي سيوا ۾ ويتيت ٿيندو هو. اسر ويل اٿي، ضروري حاجت مان فارغ ٿي باپوءَ سان گڏ پرارٿنا ۾ ويهندي هئي. اُن بعد باپوءَ جي سنان جو بندوبست ۽ نيرن جي تياري ڪندي هئي. باپو جيسين کائي پورو ڪندو هو تيسين سندس ڀر ۾ ويهي سندس ضرورت جو خيال رکندي هئي.

همت نه هارائيندڙ هئڻ جي هئي، جن پرديس ۾ ديس جي شان جو جهنڊو بلند رکيو."

مائر پاشا گجراتي، ڪالسواءِ ڏکڻ آفريڪا ۾ ڪستوربا ٿوري انگريزي به سکي ورتي.

انگريزي لفظن جو استعمال هن ريت ڪندي هئي.

فينڪس (ٽالسٽاءِ) آشرم ۾ انگلينڊ واسي شري پولڪ پتنيءَ سميت اچي رهيو. شري پولڪ ڪنهن ڳالهه تان گانڌيءَ سان ناراض ٿي پيو. ڪستوربا شريمتي پولڪ کان پڇيو:

What the matter mrs. Polak, What for he cross?

کهڙن نه چيدن لفظن ۾ هن ڳالهه پڇي ورتي.

هڪ ڀيري يروڊا جيل (پوني) سپرنٽينڊنٽ کي چيائين:

I know Husband, He always mischief!

ان ننڍي جملي ۾ هن گانڌيءَ جي چرچائي سڀاءُ جو حوالو ڏنو آهي.

سنه ١٩١٥ ۾ گانڌي جي ڏکڻ آفريڪا ڇڏي وطن واپس وريو. ۽ وطن جي آزاديءَ لاءِ سنگهرش شروع ڪيائين. شروعات چمپارن جي ستياگرهه سان ڪيائين. ڪستوربا نه پورهيتن ۽ هارين جي حالت سڌارڻ جي اُتاهه ڪارڻ ۾ پتيءَ جو ساٿ ڏنو.

چمپارن [بهار] ۾ نه ڪيس ڳوٺن ۾ صفائيءَ سان گڏ هڪ سڪول جي جوابداري نه سولپيءَ ورتي. ســالــا

اُن وقت شيواجي پارڪ ۾ گانڌيجيءَ جي تقرير ٿيڻ واري هئي. سندس غير حاضريءَ ۾ ڪستوربا اهو فرض نباهڻ جي ڪوشش ڪئي. پر منچ تي پهچي ديش پتا جو پيغام پهچائڻ کان اڳ ئي کيس پوليس پڪڙي ورتي.

ملڪ جي جنگ آزاديءَ ۾ ڪستوربا پنهنجي دليان ڀاڱو ورتو. ١٩٣٢ ۾ به گانڌيجيءَ جي گرفتاري بعد ڪستوربا ستياگرهه ۾ ڪيو ۽ هلچل جي رهنمائي به ڪندي رهي.

١٥ مارچ ١٩٣٣ تي ٻيا ڏوهه کيس گرفتار ڪيو ويو، تازو ڏيڍ مهينو سزا ڪاٽي آئي هئي. اُن بعد باردوليءَ ۾ ستياگرهه شروع ٿيو. اُن ۾ به ٻا کي ٦ مهنا سخت پورهئي سان سزا جڙي. ڇٽڻ بعد سرڪار کيس سابرمتي آشرم ۾ وجهي گرفتار ڪيو.

ڪستوربا جي جيل ڪاٽڻ ۾ ملڪ جي عورتن کي وڏي طاقت ۽ ٻرپٽا ڏني. هڪ نئون آتم وشواس استرين ۾ پيدا ٿيو. جيل ڪڏهن ٻرجي ويا. ڇاڪاڻ ته ڀارتي نارين ۾ به "آزاديءَ جو منتر" ڦوڪجي چڪو هو.

جيل ڪاٽڻ، قوت بخش خوراڪ جي ڪمي، سنگهرش، باپوءَ جي چنتائن با جي صحت ڊاهي وڌي.

١٩٤٢ ۾ باپو آغاخان محل ۾ نظربند هو. با به ساڻس هئي. مارچ کان ڊسمبر ١٩٤٣ تائين با کي اَيڪ دل جا دؤرا پيا. ٢٢ فيبروري ١٩٤٤ جي شوراتريءَ تي راشٽر

رسوئيءَ بعد گانڌيجي ٿورو آرام ڪندو هو تہ ڪستوربا سندس پيرن جي ترين ۽ ڪنڌن ۾ تيل جي هلڪي مالش ڪندي هئي.

گانڌيجي جڏهن اپواس ڪندو هو تڏهن ڪستوربا صرف هڪ ويلو کاڌو وٺندي هئي، جئن سرير ۾ سگهه رهي ۽ پتيءَ جي سيوا ڪري سگهي.

سنہ ١٩٣٠ ۾ سول نافرماني تحرڪ ۾ ڪستوربا سان گڏ آشرمواسي ڀينرون ۽ ڪملا نهرو بہ هيون. سڀني وديشي ڪپڙن ۽ شراب جي هولي جلائي.

اهو ڪهڙو نہ اڌڀت نظارو هوندو.

سنہ ١٩٣٣ ۾ ئي گانڌيجيءَ ساٻرمتي کي الوداع ڪري سيواگرام وڃي وسايو هو ۽ ڪستوربا جي ممتا تي سڀني کي هڪ ڌوريءَ ۾ جڪڙي رکيو هو.

راجڪوٽ ۾ رياستي پرجا بغاوت ڪئي. اُن وقت راجڪوٽ واسين پنهنجي اڳواڻي ڪستور کي ياد ڪيو. ڪستوربا ستياگرهہ ۾ ٽپي پئي، ليڪن راجڪوٽ جي سرحد تي پهچڻ کان اڳ ئي کيس گرفتار ڪيو ويو.

آزاديءَ جي آخرين لڙائيءَ جو ناد وڳو. مهاتما گانڌيءَ ديشواسين کي ”ڪئٽ انڊيا“ ۽ ”ڪرو يا مرو“ جو نعرو ڏنو. سنہ ١٩٤٢ جي ٩ آگسٽ تي منهن اونداهيءَ ۾ ئي برٽش حڪومت گانڌيجيءَ کي ٻين قومي اڳواڻن سميت گرفتار ڪري ورتو.

راشٹر دیوی



کملا نہرو

ماتا آخرين ساهه کنيو. راشٽر پتا جي گود ۾!

ٻين کي پرٻوڌ ڏيڻ وارا خود گهٽ عمل ڪندا آهن. پر ڪستوربا مَن، وچن، ڪرم ٽنهي کي اندر ۾ اولي- جيون ۾ هندائي اوچ ناري آدرش پيش ڪيو. اصولن تي عمل ڪانسواءِ ڪستوربا جي ٻي الڳ شخصيت ڪانه هئي. اصول پرستي ئي هنجو سوڌرم هو.

ٻلبل هند- راشٽر ماتا کي شردانجلي ۾ چيو هو.

”ڪستوربا کي زندگي ۾ ڪٺن جي راهه تي هلڻو پيو پر نه سندس پيرن ۾ لرزش آئي نه هن ڪڏهن همت هاري.

پنهنجي پياري پتيءَ سان هميشه ساهس، وشواس ۽ سچي عقيدت سان مڪمل خدمت ڪئي. اسانکي ته خوش ٿيڻ جڳائي جو هوءَ امر ٿي وئي آهي.

ڀارت ورش جي پراڻ، اتهاس ۽ وير انگنائن ۾ ڪيس سڀ کان اُچو درجو حاصل ٿي چڪو آهي.“

* ڪملا نهرو *

”مون اڃا تائين هن کان وڌيڪ سچار، ساهسي ۽ ڌارمڪ استري ٻي ڪا نه ڏٺي آهي.“ ڪملا نهرو جي ديهانت تي مهاتما گانڌيءَ مٿيان شبد چيا هئا.

ٻـرک ڊاڪٽر ۽ بنگال جي سابق مک منتري سرڳواسي ڊاڪٽر ٻڌان چندر راءِ جي شبدن ۾: ”جيتوڻيڪ هوءَ جسم ۾ ڪمزور هئي، پر سندس حوصلو بلند هو. خوشحال ۽ آرام پسند زندگي گهارڻ جي باوجود پاڻ سيوڪا جي روپ ۾ هن انيڪ وشدائن کي ڪل خوشيءَ سان برداشت ڪيو. ملڪ جي آبوجهه ۽ پتي پيلان جي همراز بڻي ۽ هيڻن جي همراهه.

اهڙي هئي ڪملا نهرو- جنهن کي هندستان جي پهرئين پردان منتري جواهرلال نهرو جي پتني ۽ موجوده پردان منتري اندرا گانڌيءَ جي ماتا - هئڻ جو شرف حاصل ٿيو.

سچ پچ ڪملا جي سمپورڻ جيون جو سار جواهرلال جي هيٺين لفظن ۾ سمايل آهي:

سنهري ۽ ٻولائتي هئي ۽ ٻيو نه منهنجي ماءُ وانگر بيحد ۽ بلڪ تندرست هئي.

اڃا ڪملا جا مينديءَ رتا هٿڙا هئا ته نهرو پريوار مهاتما گانڌيءَ جي اَثر هيٺ اَچي ويو. ڪملا نه اڳي ئي ڀارتي سنسڪارن ۾ پليل هئي. نهرو پريوار جو مغربي ٺاٺ باٺ ۽ رهڻي ڪرڻي کيس متاثر نه ڪري سگهيو. بلڪ گانڌيجيءَ جو سادو جيون حب الوطني ۽ تياڳ ۽ قربانيءَ وارو جذبو ڪملا کي وڌيڪ ڇڪي سگهيو.

ليڪن جنگ آزاديءَ ۾ سرگرم نهرو وٽي اٿل پٿل ۽ هڻ پٽ واري زندگي جيئڻ ڪو سٿرو ڪم نه ڪونه هو. ڪملا گهٽ پڙهيل هوندي به تيز ذهن واري هئي. بزرگن هن ۾ خود فيصلو وٺڻ جو گڻ پيدا ڪيو. ان ڪري پنهنجي رضا خوشيءَ گهوٽ سان گڏ هوءَ جنگ آزاديءَ ۾ ٽپي پئي.

نهرو پريوار جو شاهاڻو رنگ ڍنگ بدلجي ويو. ڪملا ان تبديلي جي ڪري بيحد خوش هئي.

شاديءَ کان ڏيڍ سال بعد ١٩ نومبر ١٩١٧ تي اندرا جو جنم ٿيو. گهر ۾ ڄڻ بهار اَچي وئي. ماتا پتا نالو رکيو "پريه درشني" پر ڏاڏي موتيلال جي پسند هئي "اندرا".

اندرا سانئڻ ۾ آئي نه ڪيترا ماڻهو کيس ڪملا جي ننڍي ڀيڻ سمجهڻ لڳا.

”جيڪڏهن مونکي سهارو ۽ طاقت ڏيڻ لاءِ ڪملا موجود نه هجي ها، منهنجي ڪُل مَن ۽ سرير کي اوجيون نه ڏي ها ته ڀلا مان ڇا ڪري سگهان ها...“

هن ناري رتن جو جنم پهرين آگسٽ ١٨٩٩ع تي پراڻي دهليءَ جي سيتارام بازار جي هڪ شاندار حويليءَ ۾ ٿيو هو. سندس پتا پنڊت جواهرمل ڪؤل دهليءَ جو هڪ شاهوڪار واپاري هوندو هو. سندس ماتا راج پتي هڪ سگهڙ استري هئي، جنهن جي چترائيءَ جي ڌاڪ سڄي ڪاشميري سماج ۾ ڄميل هئي. ڪملا پهريون اولاد هئي- جنهن کي ورثي ۾ پتا جو رنگ روپ ۽ ماتا جي دريا ۽ خود مختيار طبعيت حاصل ٿي هئي.

٨ فيبروري ١٩١٦- بسنت پنچمي جي ڏينهن ١٧ ورهين جي ڄمار ۾ ڪملا جواهرلال سان لانئون لڌيون. اُن زماني ۾ پنڊت موتيلال نهروءَ جو نالو ملڪ جي ناميارن وڪيلن ۾ شمار ٿي چڪو هو. ڌن دولت ۽ شهرت واري نهرو ڪٽنب ۾ ٢٦ ورهين جي خوبصورت بئرسٽر جواهرلال ۽ سورهن جي راڻي ڪملا جي شادي- اُن وقت جي هڪ اهم گهٽنا هئي، جنهن کي اخبارن شد مد سان شايع ڪيو هو.

جواهرلال جي ننڍي ڀيڻ ڪرشنا هٿيسنگهه لکيو آهي: ... منهنجي ڀائي ڪملا کي منهنجي پتا اُن ڪري پسند ڪيو هو جو هڪ ته هوءَ بيحد سهڻي هئي،

۽ هڪڙو ئي هو، وطن جي آزادي.

ليڪن جواهرلال ته جيل جو ٻانڌي بڻجي پيو. ڀري جوانيءَ ۾ وڇوڙو اڪيلائپ ڪملا لاءِ لازمي ٿي پيا. ڪملا اهي عذاب به مڃا ڪري ڀوڳيندي رهي. سنه ١٩٢١ ۾ پنڊت موتيلال ۽ جواهرلال ٻئي جيل ۾ هئا. ملاقات جي اجازت هڪ ڀيرو ملندي هئي. جڏهن وقت پنڊت موتيلال عدالت ۾ پهتو ته ڇهن ورهين جي اندرا سندس هنج ۾ هئي. اهو سمو نهرو پريوار لاءِ اگني پرکيا جو سمو هو. پتيءَ جي موت جي آس ۾ ڪملا پنهنجو ڪار به برابر ڪندي رهي. سچ پچ ته ڏينهن ڪملا لـئي هڪ نشو طاري هوندو هو. خوب اڀياس ڪندي هئي. ڪهنه پرستيءَ جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ هن پاڻ کي جديد قدرن سان پاڻ ٺهڪايو. گيان حاصل ڪيو. جواهرلال کي جڏهن اهو معلوم ٿيو ته ڏاڍو خوش ٿيو ۽ سپٽمبر ١٩٢٢ ڌاري جيل مان پتا کي خط لکيائين ته: "ڪملا پرياگ مهلا وديا پيٺ" جي پرکشا ۾ وهڻ چاهي ٿي.

بار بار آنند ڀون تي پوليس جي چڙهائي، سخت پور هيو، پتيءَ ۽ سهري جي گرفتاري ۽ صحت ڏانهن لاپرواهي ڪملا کي ٽوڙي وڌو. سلهه جا اهڃاڻ ظاهر ٿيا. ان وقت سلهه جو مرض ڪئنسر وانگر لاعلاج هوندو هو.

لفظن جي شهنشاهه جواهرلال آتم ڪهاڻيءَ ۾ لکيو آهي: "... مون ڪڏهن به اُن ڳالهه تي ڌيان ڪونه ڏنو

جواهرلال جي زندگيءَ ۾ وڏو ڦيرو گانڌيجيءَ ۽ ائني بيسنٽ جي صحبت آندو. شروع شروع ۾ پيءُ-پٽ ۾ ڪافي متڀيد ۽ بحث مباحثو ٿيندو هو. بعضي ڪملا به جواهرلال جي طرفداري ڪندي هئي ته سس-سهري کي ناگوار لڳندو هو. هنن نٿي چاهيو ته اميرن جي زندگي ترڪ ڪري جواهر ۽ ڪملا ڪنهن جي راهه اختيار ڪن.

سنه ١٩١٩ ۾ "جليانوالا ڪانڊ" کان پوءِ گانڌيجيءَ جي ڪيل دل آتا رپنڊز الهاسڪ ٺڪراءُ جو ڪملا تي ڏاڍو اثر پيو ۽ هن من ۾ سنڪلپ ڪيو ته باقي زندگي هوءِ وطن لاءِ گهوري ڇڏيندي.

هڪ سهڻي نازڪ طبع ڪملا هڪ روشن دماغ مضبوط ارادي واري ۽ آزاد طبع ناري بڻجي پئي. ٻاپوءِ جي سنيهه ۽ شفقت ڪيس وڏي شڪتي ڏني. هڪ صالح ۽ سمجهدار آزاديءَ جي سپاهي بڻجي پئي. ليڪن سندس فطرتي سونهن، ٻارن جهڙي معصوميت ڪڏهن ڪڏهن ٻهروءَ کي ٻڏ ۾ وجهي ڇڏيندي هئي. انهو سبب مٿي ٻڌايو آئم ته اندرا کي ڪملا جي لئي پنهنجي سمجهه جي پل ۽ پيو وار جلد ڪسڪ سبب جواهرلال ڪملا کان چڱو وڏو لڳندو هو. جيتوڻيڪ جواهرلال خود بينظير شخصيت جو مالڪ هو، پر ان راهپي سان هموار ڪيل ڪنهن پري راهه ٻنهي کي ورتڪ واجهو آندو. ٻنهي جو مقصد

ڪي تيار ڪري ڇڏيو آهي....

”ڪملا“

سن ۱۹۲۴ ۾ ڪملا کي پٽ ڄائو. ٻن ڏينهن ۾ ئي هو مري ويو. ڪملا ٻڍڙي ٿيندي ويئي. ڊاڪٽرن تصديق ڪئي ته کيس سلهه جي بيماري آهي. ڊاڪٽرن سئزرلئنڊ وڃي وڃڻ جي صلاح ڏني.

ڪملا جو آخرين دور شروع ٿيو!

سن ۱۹۲۵ جي پڇاڙيءَ ۾ نازڪ حالت ۾ ڪملا کي جنيوا آندو ويو. علاج شروع ٿيو.

جنيوا ۾ اسپتال (سئنيٽوريم) ۾ ڪملا آرام ڪرسيءَ ۾ ۽ جواهرلال ميڙن ۾ مشغول رهندو هو. اتان کيس مونٽانا جي سئنيٽوريم ۾ ڀرتي ڪرايو ويو.

سئنيٽوريم ۾ ڪملا وقت سجايو ڪيو. هوءَ هندي، اردو، انگريزيءَ جو ابياس ڪندي رهي. هندوستاني عورتن جي بهبوديءَ ۽ سماجي آزاديءَ جو سپنو ساڪار ڪرڻ جو هن هڪ نئون اعتماد محسوس ڪيو.

يورپ جي سير ۽ سفر ۾ هن نسلي ڀيد ڏٺو. کيس جتي ڪٿي اهو ذهن نشين ڪرايو ٿي ويو ته هندستاني غلام آهن، يورپ ۾ هنجو درجو ٻئي درجي جي ناگرڪ جهڙو آهي. هن کي ڏاڍو صدمو رسيو. لنڊن مان ڪملا هڪ خط ۾ لکيو هو....”اسان کيترو نه پاڻ کي ڪيرائي ڇڏيو آهي. تعليم جي ڪميءَ سبب جهالت جي ڪري

نه هئي (ڪملا) نازڪ مزاج - حساس عورت جو دماغ هوري - هوري گل والگر ٿڙي رهيو آهي. جنهن کي وڏي سنڀال جي ضرورت آهي ... اسانجي هڪ ٻئي لاءِ ڪشش سڀاويڪ هئي. پر اسانجو پس منظر جدا جدا هو. بعضي ڳالهه ۾ ٻارن جيان جهڳڙا به ڪندا هئاسون. ٻئي ضدي، سو هٺ ڌرميءَ تي قائم رهندا هئاسون .... ان هوندي به ٻنهي ۾ پيار پختو ٿيندو ويو. البت هڪ ٻئي ۾ تال ميل ڏاڍي مشڪل سان ويهي سگهيو ....“

جواهرلال جيل ۾ هوندو هو ته ڪملا سندس خط جو اوسيئڙو بيقراريءَ سان ڪندي هئي. پتيءَ جا اڌورا ڪم مڪمل ڪندي هئي هڪ جهٽي آس جي آڌار تي ... هنجو جبل جهڙو وقت وهامندو هو. ولهم به ورهيه ٿي پوندي هئي. پر هن ”لڪ“ پوڻ ڪاڻ ڏني. ڪملا جي هڪ خط مان سندس ساهس ۽ ارادي جي جهلڪ ملي ٿي ...

پيارا جواهر،

تنهنجو خط مليو. مان تـــه انتظار ۾ ويٺي هئس. تنهنجي جيل مان نڪرڻ جو وقت ويجهو آهي، پر مون کي گهٽ اميد آهي ته تون ٻاهر اچي سگهندين، ڇاڪاڻ ته جهٽ وري اندر ڪري ڇڏيندءِ. خير- مونکي ته ان جو ذرو به فڪر ڪونهي. مون هر هڪ استٿيءَ لاءِ پاڻ

ڏاري - جاڳرتا جي سلسلي ۾ خود جواهر لال لکيو آهي ته "جڏهن الهآباد جو هڪ هڪ ورڪر گرفتار ٿي چڪو هو تڏهن ڪملا جي اُڙ ڪلهن تي بوجو پيو. پر پنهنجي سگهه، سوجهه ٻوجهه ۽ اُتساهه وچان هن سمورو ڪم اهڙيءَ طرح سنڀاليو جو شايد ورهين جو آزمودگار به نه نباهي سگهي. هوءَ الهآباد لاءِ مايه، ناز صورتي بڻجي پئي. مولڪي نه، ڪملا حيرت ۾ وجهي ڇڏيو. جسماني بيماريءَ تي حوصلي جي جيت ٿي."

سنه ١٩٣٠ جي آخر ۾ ڪملا جي سياسي زندگي عروج تي هئي. شريمتي هنسا مهتا سان گڏجي ڪانگريس ورڪنگ ڪاميٽيءَ جو ڪم به سنڀاليو. بگڙيل صحت ۾ هنجي مکڙي تي موهيندڙ مرڪ ڪڏهن به اُلوپ نه ٿي.

...٢٦ آگسٽ ١٩٣٠ جي صبوح جو سهاڻو وقت هو. دهلي جنڪشن تي سواگت جي لاءِ اٿاهه پيڙ پنهنجي راشٽر ديوي ڪملا نهرو جي لاءِ بيقرار هئي. ان موقعي تي پوليس اَنيڪ عورتن کي گرفتار ڪيو هو. گرفتار ٿيل عورتن ۾ "ڪملا" پاٽڪي نه ڏسي ڏاڍيو دکي ٿي.

جنگ آزاديءَ جي سچي سپاهي جي ڀومڪا ادا ڪرڻ ۾ ڪملا ڪاٻه ڪوتاهي ڪانه ڪئي. الهآباد نگر ڪانگريس ڪاميٽيءَ جي پرڌان جي حيثيت ۾ ڪملا سڄي شهر جا چڪر هڻي سائين کي همٿائيندي هئي. جلوسن، جلسن جي اڳواڻي ڪري، لٺبازيءَ ۾ چوٽون

استرين جي حالت وڏيڪ رحم جوڳي آهي. جڏهن هندوستاني ڀينرن جي باري ۾ سوچيان ٿي ته من ۾ اقرار ٿيو پوي ٿو ته ڪين پنهنجي بنيادي حقن جي به پروڙ ڪانهي. مون کي يقين آهي ته وطن واپس اچي ڀينرن جي بهبوديءَ ڪاڻ ڪين پنهنجي ملڪ ۾ تعليم ڏانهن مائل ڪرڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪنديس. جيئن هو شرمناڪ- جهالت واري زندگيءَ مان اڪري ملڪ جي جنگ آزاديءَ ۾ مردن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي لڙي سگهن ...

ڊسمبر سنه ١٩٢٧ ڌاري ڪملا صحت سڌاري واپس وري. جواهرلال گانڌيءَ سان ڳالهين ٻولي ٿي پيو ۽ ڪملا استرين سان هلچل ۾ سرگرم ٿي وئي. استري قدر جو سس- سهري جي نظر بچائي پردي وارين عورتن ۾ به پرچار ڪرڻ لڳي.

سنه ١٩٣٠ ۾ جواهرلال جي گرفتاريءَ بعد ڪملا جي نازڪ ڪاهن تي وڏيڪ ڀاري بوجو پيو، پر ڪملا اُهاسڪ پومڪا نباهي. صحت ۽ ملڪ جي وچ ۾ هن هر بار ملڪ کي اڳرائي ڏني. اُن باري ۾ به ڪرشنا لکي ٿي:

... جيڪڏهن هندستان ۾ ڪو آزاديءَ جو سپاهي هو جنهن کي صرف وطن جو ئي خيال هو، جنهن جي شڪتيءَ ۾ ڪانئي ڪمي ڪانه آئي، جنهن بي مثل ساهس ڏيکاريو ته اهو سپاهي ”ڪملا“ هئي.

جو ڪم واري راهه ۾ مون کي همراهه. مرڻ لاءِ تيار آهين، جيڪڏهن پنهنجي جيون جي وڏن ڪارنامن ۾ مون کي حصيدار ٿيڻ جي اجازت ڏيندين ته مون کي سچائي سگهندين."

سياسي هلچل جي سرگرمين ۾ ولائتي ڪپڙي جو بهشڪار هڪ خاص اسم هو. ڪملا کادي ڀنڊارن ۽ آشرمن جي ذڪر پال به ڪندي هئي. ڪيس ڪم ڇور ڪوله وٺندا هئا. جواهرلال نهرو جي اَمر واڪيه "آرام حرام هي" کي ڪملا نه لڏهن ئي ساڪار ڪيو هو.

بنارس (وارانسي) ۾ "گانڌي آشرم" [کادي ڀنڊار] ڏسڻ جو پروگرام ڪملا نهرو ٺاهيو. صبوح کان ئي زوردار برسات جاري هئي. کادي ڀنڊار جي ڪرمچارين سوچيو ته ههڙي بارش ۾ هوءِ شايد نه اچي سگهي. هو بي فڪر ٿي ويهي رهيا. پر ايتري ۾ موٽر جو هارن وڳو. ڪملا نهرو پاڻي ۾ پسندي موٽر مان لهي رهي هئي. ڀنڊار ۾ هلچل مچي وئي. ڪانه تياري ڪانه هئي. مئنيجر معافي وٺندي صفائي پيش ڪئي.

ڪملا کي ڏاڍو غصو آيو. هن لڇيه ڪندي چيو ته، "ملازم سياوبڪ فرض ادائي نه ڪري، سندس اچڻ تي پنهنجي هوشياري ڏيکارڻ سو غيرواجب آهي." مئنيجر کي چيائين، "مهاشيه، قدرت کي پنهنجو ڪم ڪرڻ ڏيو ۽ توهان پنهنجو ڪريو. جيڪڏهن قدرت پنهنجو ڪم

برداشت ڪندي هئي. گولين جي برسات ۾ به بيپرواهه بڻجي، مرداڻي خاڪي وردي ۽ گانڌي ٽوپي پهري، پريڀات ڦيرين ۾ به برابر شامل ٿيندي هئي.

پهرين جنوري ۱۹۳۱ تي پوليس ڪملا کي به گرفتار ڪيو. اُن وقت هوءَ جواهرلال جي تقرير پڙهي رهي هئي.

تيرهن ورهين جي اِندرا- واڻر سينا جي سنچالڪا کي جواهرلال اُن ڏينهن خط ۾ لکيو هو:

.... مون کي اڄ تنهنجو ۽ تنهنجي ماءُ جو خيال آيو... ٿوري دير کانپوءِ ڪملا جي گرفتاريءَ جو سماچار مليو. مون کي پڪ آهي ته ڪملا جو چهرو ٻهڪندو هوندو. مون لاءِ هيءَ نئين سال جي سوکڙي آهي...

هڪ اخبار نويس کي سنيهو ڏنائين:

"مان خوش آهيان ۽ فخر محسوس ڪري رهي آهيان ته مان پنهنجي پتيءَ جي نقش قدمن ۾ هلي رهي آهيان. مون کي اُميد آهي ته منهنجا ديشواسي هلچل جو جهنڊو بلند رکندا ايندا."

ڪملا-جواهر جي آدرش جوڙي هئي، جيتوڻيڪ هنن گرهست جو سک گهڻو ڪو نه ماڻيو. ليڪن هڪ ٻئي جي ڀاونائن جو گهڻو آدر ڪندا هئا. ان ڪري حب الوطني جي جذبي سان سرشار ڪملا، جواهرلال کي ڪي صاف لفظن ۾ چيو ته "مان ديوي ڪانه آهيان. مان رواجي عورت آهيان. جيڪڏهن تون خطري ۽ ساهس ۽

ڪملا پتيءَ کي پرندڙ بخار جي حالت ۾ به، ڪن ۾ چيو، ”سرڪار جي لالچ جا هيءَ ڪهڙا افواهه پکيڙي رهي آهيان؟ ڪابه خاطري نه ڏج.“

اهي لفظ جواهر جي من تان مڻن جو بوجو هٽائي ويا. هو بي فڪر ٿي جيل ويو.

ڊاڪٽرن جي صلاح موجب ڪملا کي يورپ جي بيڊن وائيلر سئنيٽوريم ۾ ليو ويو. اتان وري کيس سئزرلينڊ آندو ويو. ڪملا جي حالت نازڪ ٿي وئي. جواهرلال کي آزاد ڪيو ويو.

٢٨ فيبروري ١٩٣٦ - جواهرلال کي ڪانگريس جو ٻيون ڀيرو پرڌان چونڊيو ويو ۽ ساڳئي ڏينهن ڪملا هميشه لاءِ کيس وڇوڙي جو داغ ڏئي وئي.

مهاتما گانڌيءَ جواهرلال کي شوڪ سنديش ۾ لکيو:
... ”پيارا جواهر، سو تون ڪملا کي يورپ ۾ ڇڏي آئين، پر هن جي آتما پارس کان ٻاهر ڪاله وئي هئي. مونکان اها ساعت ڪيئن وسرندي جڏهن بمبئي ۾ اسان جي آخرين ملاقات ٿي ۽ هن اکين سان اسان هڪ ٻئي کان موڪلايو هو.“

جانباز ڪملا جي باري ۾ جواهرلال خود به لکيو آهي:
”ڪملا جو جيون تيل سان ٻرندڙ ديپڪ وانگر هو. جڳمڳايو، روشني تيز ٿي، وري ڀڙڪو کاڌو ۽ اجهامي ويو...“

ڪملا پنهنجي انفراديت ۽ نرالي شخصيت جي ڪارڻ هردلعزيز بڻي ۽ اتهاس ۾ امر ٿي وئي.

ناري جڳت لاءِ هن جو جيون آدرش آهي.

لٿي چڙهي نه اسان جو چڙهون؟"

ڪملا نهايت صاف دل ۽ صاف گو هئي. سندر روپ سان کيس مٺڙ سڀاءُ به مليو هو. جنهن جو ذڪر نهروءَ بار بار آتم ڪهاڻيءَ ۾ ڪيو آهي.

١٩٣١ ۾ ڪملا جي صحت وري بگڙجي پئي. جواهرلال کيس بمبئي وٺي ويو ۽ پاڻ الله آباد موٽي آيو. کيس ترت گرفتار ڪيو ويو ۽ ٤ سال سزا ڏنيس. ڪملا لاءِ ڪهڙي نه آزمائش جي گهڙي هئي. سهرو سرڳواس، پتي جيل ۾. اندو اڃا ٻال اوستا ۾ هئي. صحت وڌيڪ بگڙي. ساڍا ٧ مهينا پتيءَ جو وڇوڙو سهاري وئي. جيل ۾ ملاقات نه ٿي سگهي.

جواهرلال کي پئرول تي ڇڏيو ويو. ڪرشنا جو وواهه راجا هٺيسنگهه سان آنند ڀون ۾ ٿي رهيو هو. ڪملا پنهنجا ڳهه ڳهڻا سڀ ننڻان کي ڏاج ۾ ڏنا، سڳي ماءُ به ايترو سهج نه ڪري ها. پاڻيءَ نراڻن لاءِ انيڪ ڪشٽ ڀوڳيا- پر سڀ ڪجهه کلندي پيشاني سان نرواهه ڪندي رهي. ڪملا کي پوالي سئنيٽوريم ۾ ڀرتي ڪيو ويو.

پئرول وارو گهڻو عرصو جواهرلال ڪملا سان گذاريو. ڪملا کي ڪڙڪ پئي ته سرڪار نهروءَ کي لالچ ڏني آهي ته هلچل ۾ ڀاڱو نه وٺي ته کيس آزاد ڪيو ويندو. سرڪار ڪملا جي بيماريءَ جو فائدو وٺڻ ٿي چاهيو ۽ نهرو کي مجبور ڪرڻ چاهيو.

بلبل هند



سروجني نايدو

بُلبل هند

★ سروجني نايڊو ★

دنيا جي شاعرن ۾ عظيم، ناري جاڳرتا ۾ پريرڻا جو سرچشمو، سرگرم سياستدان، دلين کي ڌارڻ واري وکتا، لاثاني ذهانت ۽ فصاحت جي ڀنڊار، اهي سڀ گڻ هڪ عجيب مرڪب والگر جنهن ۾ سمايل هئا - اها هئي سروجني نائيڊو - بلبل هند.

رواجي رنگ روپ واري هندوستاني عورت، جنهن ملڪان ملڪ ناماچار ڪيو ۽ ڌاڪو ڄمايو. هن مخصوص شخصيت جي مالڪ کي ايشور ڪويءَ جو هردو ڏنو هو. جيڪا ڪلپنا لوڪ ۾ اڏام ڀريندي هئي. ڌرتيءَ کان دور. پر اهو به اسرار ڇٽيو جو هن ڌرتيءَ جي هڪ اپ کنڊ هندوستان ۾ ني هن هڪ اهم ڀومڪا ادا ڪئي. اَڌ صديءَ تائين سرگرم روپ ۾.

جنهن گهر جا سک آرام ترڪ ڪري، لُڪ ۽ اس ۾، برسات ۽ طوفان ۾ - جنتا جي وچ وڃي آزاديءَ جو ناد وڄايو. سندس تقرير ۾ مقناطيسي اثر هوندو هو. من

جي لطيف جذبن کي - احساس کي پنهنجي سريلي آواز ڏناران لفظن ۾ ظاهر ڪندي هئي. جوش ۽ جولان ۾ به ناريءَ جي سڀاويڪ سلاست ۽ لطافت برقرار رهندي هئي.

سروجنيءَ جي رنگارنگي شخصيت جون رنگائون ڪيترن کي آسان ڪم ڪونهي. تضادن ۽ گوناگون سرگرمين ۾ لوان ماڻ قائم ڪرڻ ۽ ثابت قدم رهڻ ڪو سٺو ڪم ڪونه هو.

ڪل چرچو، حاضر جوابي نه سندس سڀاو جي خاصيت هئي. عيش و آرام کان کيس عار ڪونه هو بلڪ کيس لڳاو هو. ليڪن ڏکن ڏولاون جو به خنده پيشانيءَ سان مقابلو ڪندي هئي. پسن، پکين، وڻن ٻوٽن سان به کيس انوت سنيهه هوندو هو. سندس گهر ۾ ڀن ڀن قسمن جا پکي ۽ ساهوارا چوپايا پيا گهمندا هئا ۽ لاليون لڏوندا هئا. آئي ني کيس شانتي ملندي هئي.

- اوائلي جيون - سروجنيءَ جو جنم ١٣ فيبروري ١٨٧٩ تي هڪ بنگالي اوچ ڪل ۾ حيدرآباد (دکن) ۾ ٿيو هو. پتا ڊاڪٽر اگهور ناٿ چٽوپاڌيايه وڏو عالم ۽ سائنسدان هو ۽ ماتا وردا سندري ساهتيڪار هوندي هئي. ڊاڪٽر چٽوپاڌيايه يورپ مان وڏيون ڊگريون حاصل ڪري آيو هو ۽ انگريزي، بنگالي، سنسڪرت، هندي، اردو، فرينچ، جرمن، گريڪ ڀاشائن جي گهڻي ڄاڻ هئي.

ماتا پتا کي هڪ سگهڙائي اچرج جو احساس ٿيو. ان بعد سندس اڳيان ڪوتا سنگره ظاهر ٿيا.

THE GOLDEN THRE SHOLD ۾ 1905

THE BIRD OF TIME ۾ 1910

THE BROKEN WING ۾ 1917

اهي ڪافي لوڪ پريه ٿيا.

۱۳ ورهين جي ننڍي اوستا ۾ ٿي ۱۳ سؤ مصراعن واري لمبي ڪوتا "THE LADY OF THE LAKE" رچي سروجنيءَ سڀني کي اچرج ۾ وجهي ڇڏيو.

اهو صرف قدرتي ذات جو ڪرشمو ڪوته هو پر پتا اگهورناٿ جي سختيءَ جو به اثر هو - سروجنيءَ کي ننڍي هوندي کان ئي اڪيلو انگريزي ساهت جو ابياس ڪرڻ لاءِ بند ڪري ڇڏڻ. ان جو موافق نتيجو نڪتو.

سڀي ڪلاڪار جيان سروجني جي هر ادا ۾ خوبصورتي ۽ نزاڪت هوندي هئي. سندس ڊرائنگ روم اهڙو نه سينگاريل هوندو هو جو هر ملاقيءَ کي ان ۾ عجيب سڪون حاصل ٿيندو آهي.

ميران بين هڪ هنڌ لکيو آهي ته:

جيل ۾ "اي" ڪلاس ۾ به سروجنيءَ جو ساز وسامان ڪنهن راڄ گهراڻي کان گهٽ ڪونه هوندو هو. وڏي سينگار ميز، وهنجڻ لاءِ شاهي ٽب، ميز - ڪرسيون،

حيدرآباد رياست ۾ هن "نظام ڪاليج" جي اُستاپنا ڪئي. خود اُنجو پرنسپال ٿي رهيو. هنجي اِڇا هئي ته سروجني سائنسدان بڻجي ۽ ماءُ جي مرضي هئي ته هوءَ شاعره بڻجي. قدرت جي ڪارسازي نياري هئي جو سروجني سياست ۾ گهڙي. پر شروع ۾ شاعره ٿي بڻي. سندس من حساب ۽ سائنس جهڙن خشڪ وشين ۾ ڪونه لڳي سگهيو.

سروجنيءَ جو ٻالڪپڻ سک ۾ گذريو. کيس شاندار ماحول مليو. معزز هستين سان ڏيٺ ويٺ ٿي. گهر ڀريو ڀاڳيو هو. ڪڏهن به چيز جي ڪمي ڪانه هئي.

ماءُ ۽ پيءُ جا گڏيل سنسڪار کيس مليا. پتا وٽان اُدارتا ۽ نڀيڪري، ماءُ وٽان ممتا ۽ شيل. گهر ۾ حيدرآباد جي تهذيب پٽاندڙ هندو-مسلم ڪلچر جو گڏيل واتاورڻ هوندو هو. ان ڪري سروجنيءَ جو نظريو ڪشادو ۽ وسيع بڻيو. "سرو ڌرم سمڀاوَ".

ننڍي اوستا ۾ هوءَ اسڪول ۾ داخل ٿي. ذهين هئي ان ڪري ٻارهن ورهين ۾ ئي مئٽرڪ ڏنائين ۽ سڄي مدراس پريزڊنسي ۾ پهريون نمبر آئي.

پر سندس اندر جو ڪلاڪار هو اهو ٻال اوستا ۾ ئي اُسرڻ لڳو. ٻارهن ورهين جي هئي تڏهن الجبرا جو سوال حل ڪندي هڪ سندر ڪوتا جي رچنا ڪري ورتائين.

سروجنيءَ انهن سرجڻ سان يورپ ۽ پنهنجو سڪو ڪري ڏيکاريو.

”ٽائمس“ کيس جديد دنيا جي بهترين ۽ عظيم شاعرائن ۾ شمار ڪيو.

لنڊن جي هڪ دوست سندس باري ۾ لکيو: ”سروجنيءَ جون وڏيون موڪريون اکيون آهن. هندوستاني ريشمي لباس پهريندي آهي. هن جا وار جهڙا واسينگ. سندس آواز انتهائي سريلو آهي، جڻ ڪوئي ڳائي ٿو. اها اڳولي سندس ”پالڪي“ واري ڪوتا ۾ گواهي ٿي.

Lightly Lightly we bear her along
She sways like a flower in wind or song
Gaily 'O', Gaily we glide and sing
We bear her along like a pearl on the string.

سوڙهن ورهين ۾ سندس ڊاڪٽر گووند راجولو نائيڊو سان سنبنڌ ٻڌجي ويو. سنه ١٨٩٨ ۾ سوديش موٽڻ بعد ٻنهي جي شادي ٿي. ان وقت سروجني صرف ١٩ ورهين جي هئي. اهو انترجاتي وواهه، ان وقت هڪ وڏو انقلابي قدم هو. مدي خارج ڪرسمن ۽ رواج لئي وڏي چوٽ!

اڳتي هلي گانڌيجيءَ ته سروجني ديويءَ کي هندو-مسلم ايڪتا جو علمبردار ڪري مڃيو هو. ١٩٢٢ ۾

دريءَ دروازن جا پردا وغيره.

ليڪن جڏهن ستياگره جو سڏ ٿيندو هو تڏهن لتيءَ ٿڌيءَ جي پرواهه نه ڪري ڪاهي پوندي هئي.

ڌراسڻا ڏانهن ڪوچ ڪندي سروجنيءَ ستياگرهين کي چيو هو "گانڌيءَ جو سرير جيل ۾ آهي پر آتما توهان سان گڏ آهي. ديش جي عزت ۽ شان توهانجي هٿن ۾ آهي. ڪهڙي به حالت ۾ هنسا کان ڪم نه وٺندا. هر ظلم ۽ چوٽ کلندي خوشيءَ سان برداشت ڪندا..."

ستياگرهين سروجنيءَ جي هدايت جي اکر بہ اکر پيروي ڪئي. مار کائيندا رهيا پر ٻڙڪ نه ٻاڦيائون. پاڻيءَ جون ٽانڪيون لڳيون ويئون اُڃ برداشت ڪندا رهيا پر طلب نه ڪيائون.

وديارٿي جيون ۾ نظام جي اسڪالرشپ تي سروجني اوچ تعليم ڪاڻ انگلنڊ وئي. کيس ٣٠٠ پائونڊ ساليانو وظيفو ملندو هو. ان زماني ۾ اها ڪافي وڏي رقم هئي. اتي ڪنگز ڪاليج (لنڊن) ۽ گرٽن (ڪئمبرج) ۾ تعليم ورتائين.

ايڊمنڊ گاس، وليم آرچر، هنري مين ۽ آرٿر سائمونس جهڙن اُرڪ اديبن جي لهه وچڙ ۾ آئي ۽ پنهنجي ساهتيڪ رچنائن سان انگلنڊ ۾ به ڌوم مچائي ڇڏيائين.

ليڪن ايڊمنڊ گاس کيس صلاح ڏني ته هوءَ پنهنجي رچنائن کي هندستاني بڻائي.

مليو. آخرين ملاقات. آڪٽوبر ۱۹۱۴ ۾ شري گوکلي کيس چيو هو، "تون ياد رکج ته تنهنجو جيون ديش لاءِ سمرپڻ آهي. منهنجو ڪم پورو ٿيو."

شري گوپال ڪرشڻ گوکلي تي کيس هڪ لڳا چيو هو، "سروجني، لڳي ٿو ته تنهنجي کل ٿڪڙي پٺيان وڏا جي هڪ انتر ڌارا وهي رهي آهي... ڇا انڪري جو توکي موت جي ڇايا پٺيءَ رهي آهي؟"

سروجنيءَ - جنهنکي جيون سان اٿاهه پريم رهيو، ٺهه پهه وراڻيو، "نه، مان جيون جي اندر وڃڻو پهچي وڃي آهيان جو اُنجي جوالا مونکي جلائي وڌو آهي!"

عورت هئڻ ڪري کيس ناز هو. انڪري هوءَ ناريءَ جي حقن لاءِ لڙندي رهي. ۱۹۲۰ ۾ پنجاب سرڪار جي اَتياچارن تي سخت ڇوهه ڇنڊپندي چيائين، "منهنجي ڀينرن کي اُگهاڙو ڪيو ويو، کين هنٽر لڳايا ويا ۽ سندن آبرو لاٿو ويو."

هند سيڪريٽريءَ چيس، "پنهنجا اکر واپس وٺو."

سروجني ٻاهري واري ۽ اَڏول رهي.

لکنؤ جي ۱۹۱۶ واري اهم ڪانگريس ۾ هوءَ ڀرپور پيرو شامل ٿي هئي، "خود مختيار راڄ" تي سندس عالماڻي تقرير سڀني کي وجد ۾ آڻي ڇڏيو هو. سندس قابليت ۽ سياسي ذهن کان متاثر ٿي کيس ممبئي ڪانگريس ڪاميٽيءَ جو پرڌان ۽ ميونسپل

سروجنيءَ کي چيائين ته ”ڀارت جي ايڪتا مان تنهنجي هٿن ۾ سونپيان ٿو.“

سروجني ديويءَ جو وواهت جيون سکي گذريو. کيس ڇهن سالن ۾ چار ٻار ڄاوا. جئه سوريه، پدمجا (بينگال جي اڳين گورنر)، رنڌير ۽ ليلامڻي.

ٻارن جي پيار ۾ ”ماءُ جي ممتا“ ڪوتا رچيائين، جا اڄ به ادبي امانت آهي.

سروجنيءَ گهر ڪاسواءِ ٻاهر به پنهنجي فرض کي محسوس ڪيو. کيس گهر وارن جو پورو پورو سهيوگ ۽ ساٿ مليو ۽ راجنيتي ۽ سماج ۾ هن خاص مقام بڻايو. کيس اڳوان بڻجڻ ۾ نه ويرم نه ڪاله لڳي. سندس واڻيءَ ۾ غضب جو تاثير هو. سندس خيالات ۾ للڪار هئي. ديش کي جهڙي سونهپ ۽ تدبر جي ضرورت هئي، اها هن پوري ڪئي.

١٩١٧ ۾ هندوستاني عورتن جي عيوضي جي حيثيت ۾ سروجني نائيڊو، هند وزير مانٽيگو سان گڏجي ويئي. کيس هڪ چمڪيدار ساڙهي پهريل هئي، ان ڪري جو آڪاس جي پولار ۾ چندر ڪرڻ جي چمڪ جهڙو اثر پيدا ٿئي. هار سينگار جو کيس ذاتي شوق هوندو هو. ڪنن ۾ وڏا جهومڪا ۽ ٻانهن چوڙين سان ۽ ڳلي ۾ هار. ان حالت ۾ اسٽيج تي تقرير ڪندي هئي.

سياسي جيون ۾ هن گوکلي ۽ گانڌي کي گرو ڪري

اَچانڪ هن ٽهاڪو ڇوڙيو - "جواهر، ذرا پنهنجي ٽوپي نه لاهي ڏيکار، هنن نينگرن کي پتو پوندو ته تون جوان ڪونه آهين-" اهڙو چئي ٽهڪ ڏيڻ لڳي.

لنڊن ۾ هڪ اجنبي محلي (پاڙي) ۾ گانڌيجي سان گڏجڻ ويئي- پهريون ملاقات هئي. اَليڪ ڏاڪا چڙهي گانڌيجي جي ڪمري ۾ پهتي. ڏٺائين هڪڙو معمولي شخص جيل جو ٿلهو ڪمبل وڇائي، فرش تي ويٺو آهي. ڀرسان ٽين ڏٻي ۾ کاڄا ۽ ڪيلي جي پائوڊر جا ٽڪا بسڪيٽ به رکيل هئا. ڇا اهو ئي آهي "هيرو" جنهن جي ناليءَ جي مالا اڄ ملڪ ۾ هرڪو جپي رهيو آهي!

سروجني پاڻ نه روڪي سگهي ۽ زور سان کلڻ لڳي. گانڌيجي اک مٿي کڻي نهاريو ۽ ڪيڪاريو، "تون پڪ ئي پڪ سروجني نائيڊو هوندينءَ ۽ ڀلا ٻيو ڪير ٿو مون تي هن طرح کلي سگهي؟.... اچ، اچ، تون به ويهي کجهه کاءُ.

ٿورا ساهسي چرچا ڪو نرمل هردي وارو ئي ڪري سگهندو. اسان جي اڳواڻن جي آپسي ناتن ۾ شائستگي سان گڏ ڪافي بي حجابي هوندي هئي.

گانڌيجي تي به سروجني ساهه ڇڏيندي هئي. خط به مزيدار لکندي هئي. "عبارت" ۾ ئي مذاق ڪندي هئي. جهڙوڪ:

"ماءِ ڊيئر ٽائرانٽ" "پيارا ظالم". بعضي "مڪي

ڪارپوريشن جي پد تي چونڊيو ويو.

سن ١٩٢٥ ۾ سروجنيءَ کي "ڪانپور ڪانگريس" جي صدارت لاءِ چونڊيو ويو. ڀارت جي اتهاس ۾ هڪ نئون باب جڙيو. هن کان اڳي اني بيسنٽ کي ڪانگريس پرڌان چونڊيو ويو هو، پر سروجني پهرين هندوستاني عورت هئي، جنهن کي اهو شرف مليو هو.

فصيح زبان ۾ هن صدارتي تقرير ڪندي اچاريو هو: "مون پنهنجي هٿن سان پينگو لوڏي، پنهنجي ڪنٺ مان مٺيون لوليون ڳايون آهن. مان ڀارت ماتا جي پرتيڪ آهيان. اڄ مون کي اها جوابداري سونپي وئي آهي ته آزاديءَ جي مشعال کي روشن رکان."

.... مان هڪ عورت آهيان. منهنجو سنبنڌ گرهستيءَ سان آهي. مان نه صرف چاهيان ٿي ته ڀارت ماتا ٻيهر هڪوار پنهنجي گهر جي مالڪڻ بڻجي. هنجا اپار وسيلا هنجي اڌڪار ۾ رهن. ساڻ ئي منهنجو اهو به فرض ٿيندو ته جئن ڀارت ماتا جي ڪمزور ۽ بلوان - اولاد - سڀ کي حق هڪجهڙا حاصل ٿين."

سياسي زندگيءَ جي خشڪ ڳالهين جي وچ ۾ سروجنيءَ جا لطيفا ۽ چرچا راحت پيدا ڪندا هئا. سڀني سان چرچا گهڻا ڪندي هئي. هڪ دعوت ۾ جواهرلال کي نوجوان ڇوڪرين گهيرو ڪيو. نهروءَ ۾ ڪافي دلچسپي وٺي رهيون هيون. سروجني ديوي اهو تماشو پئي ڏٺو.

سروجنيءَ ته ٻيهر اُڇلائي، ”اُنهن ۾ ڇا رکيو آهي؟ وڪٽوريا جون سڀيون لاهي اُنهن جي مٿان منهنجا سر لڳايا ويندا.“

آزاديءَ بعد ڪيس اُتر پرديش جو گورنر بڻايو ويو. چيائين، ”مان ته اُتر پرديش جي گورنيس (داسي ماءُ) بڻجي ويڃي رهي آهيان.“

سندس والدي وهنوار ٻڌائيءَ تائين برقرار رهيو. دعوتن ۾ به اُجهل ٿي ٻولندي هئي. ميزبان ڇوڪرين جا پازيب گهرائي پيرن ۾ ٻڌي پئي جهنڪار ڪندي هئي. سندس ڪوي هردي جي جهلڪ:

١٩٢٨ ۾ آمريڪا جو دؤرو ڪندي پاڻوءَ کي لکيائين: ”هيٺ آڌي رات آهي. پر سابرمتيءَ لي اشارائيءَ جا ڪرڻا چمڪي رهيا هوندا؛ نديءَ جو پاڻي صبح جي گلابي؛ سونهري رنگن جي درسني بڻيل هوندو. ڪاش! جو مان اهو الوڪڪ نظارو پسندي هجان ها.“

لنڊن ۾-

١٩٣١ ۾ ٻين گول ميز ڪانفرنس ۾ سندس ڪيل تقرير کي ٻڌي صدر چيو هو ته ”اهڙو ضرور چولدس ته توهانجي بيان اسانجي خشڪ تقرائي موضوع کي نظماڻو ڇهاءُ ڏيئي ان کي رونق بخشي آهي.“

هڪ ساهتيڪار لکيو آهي ته ”سروجني ديويءَ جو وياڪيائي پرنالي راڳ جهڙو هو. منهنجي پراڻن جي اُڌ

مانوس" ۽ ڇولدي هئي ۽ ڪڏهن "جابر وحشي" لکڻ ۾ ۽ ڪاله هچڪندي هئي.

ٻ وري ٻيو طرف ڏسون ٿا.

ئوڪالائي وچڻ وقت گانڌيءَ کي ڏاڍو جذباتي خط لکيائين: "هي پاڙي! سڀيهه ۽ آس جي هن لنهنجي انوکي ڪئن پاڙا ۾ شل انشور لنهنجو ساٿي هجي!"

سندس حاضر جوابي ۽ لاجواب هئي. ممباسا (ڏکڻ آفريڪا) ۾ پارتواسين جي ڪانفرنس جي صدارت ڪرڻ ويئي. هڪ مٿي قرار خاطوءَ پڇيس، "لـوهان هتي کهڙا اک مارڻ آيا آهيو؟"

"سچ جو ادگهانن ڪرڻ" سروجنيءَ وراڻيو.

خاطوءَ وري طنز ڪئي- "جنرل سمٽس ڏاڍو جبرو آدمي آهي."

"مان ۽ هڪ جبر عوره آهيان. دلجاءِ ڪريو."

ڪانفرانس ۾ چيائين، "پرواسي پارتين کي آفريڪي آدي واسين سان همدرد ۽ همدم بڻجي سندن مدد لاءِ ڪمرڪشي ٻهو. آفريڪا واسين جو آئيندو روشن آهي ۽ هو ۽ دنيا جا مهذب ااگرڪ ليکا ويندا.

حاضر جوابيءَ جو ٻيو ۽ هڪ دلچسپ واقعو آهي- سروجني نائيڊو کان ڪنهن پڇيو، "جڏهن ڀارت آزاد ٿيندو ۽ مهاراڻي وڪٽوريا جون جيڪي مورتيون ۽ پتلا ڀارت ۾ آهن، تن جو ڇا ٿيندو؟"

موت کان اڳي گانڌيءَ چيو هو ته "هن دنيا جي عورتن ۾ سروجني نائيڊو جو اهو آفتاب بڻجي روشني ڏيندو رهندو."

سروجنيءَ جو ساهت يا ڪلا صرف ڪلا لاءِ نه بلڪ جيون لاءِ به هو. پاڻ هڪ هنڌ لکيو اٿس:

"ڪويءَ جو ڪارج، گلاب جي باغ ۾ سپني جي عاج واريءَ چوٽيءَ تي ويٺو رهڻ ڪونهي، بلڪ هنجي جڳهه جنتا جي وچ ۾ شاهراهه جي ڌوڙ ۾ آهي. جدوجهد جي تڪليفن ۾ ئي ڪويءَ جو نصيب سمايل آهي. ڪويءَ لاءِ اهو لازمي آهي ته هو ٻپ، هار ۽ نراسائيءَ جي وقت ۾ به چئي سگهي ته اميد ئي سچ آهي ۽ سچ ئي سوب حاصل ڪندو آهي."

نڙيل مکڙين کي ڪنڪناڻي ڪري، پنکڙين کان ننڍپ جو
خمار لاهي اڏامي ويو ۽ مان ڪيتري دير حال ۾
بيخوديءَ ۾ ويٺو رهيس."

اَنيڪ پيرا جيل ڀوڳيائين. ١٩٤٢ ۾ ٻاپوءَ سان گڏ
کيس آغاخان محل ۾ نظربند ڪيو ويو.

ڊاڪٽر اينيءَ بيسنٽ جي "هوم رول ليگ" شريمتي
مارگريٽ ڪزنس جي "انڊين وي مين ايسوسيئيشن"،
آل انڊيا وي مينس ڪانفرنس" جي روح روان ٿي رهي.

پيرسن ٿي نه هڪ ڪوتا ۾ لکيائين:

"اي موت، ٿوري ساعت ترس.
جيسين منهنجون لڙندڙ لڙڪندڙ آسون پوريون نه ٿين.
جيسين منهنجا سمورا گيت ڳايا نه وڃن.
جيسين منهنجون سڀ اسانءِ گهرجون مڪمل ٿي نه وڃن.
تيسين اي موت مان مري نٿي سگهان."

ڪهڙي نه زندگيءَ سان لافاني محبت!

٢ مارچ ١٩٤٨ تي ٦٩ سالن جي عمر ۾ هن پويون
پساهه کنيو.

ڪملا ديوي چٽوپاڌيايه شرڌانجليءَ ۾ چيو:

"سروجنيءَ جو سڀ کان وڏو ڳڻ هو سچي انسانيت.
انڪري هرڪو کيس اِي ڏڙڪ ڳڻجي سگهندو هو، جن
لاءِ هوءَ سهارو ۽ اميد جو آڌارو هئي."

ٻارٽ پريمي



آئني ٻيسنٽ

ڀارت پريمي

*** آئني بيسنٽ ***

هڪ عورت، جنهنجو رنگ، روپ، ڌرم، وطن سڀ ڪجهه ولايتي هو، سا هميشه لاءِ ڀارتواسي بڻي. ڀارت کي مادر ڀومي طور سويڪاريو ۽ ڀارتي سنسڪرتيءَ کي اپنايو، ڀارتي چوائڻ ۾ فخر محسوس ڪيو. اها هئي "آئني بيسنٽ".

هنجو جنم ڀارت جي آزاديءَ کان هڪ سؤ سال اڳ پهرين آڪٽوبر ۱۸۴۷ تي لنڊن ۾ ٿيو هو. جڏهن ڀارت لنڊن جو غلام هو.

انهيءَ جي ماءُ آئرش ونش جي ۽ پيءُ انگريز هو. انهيءَ کي ڀارت جيان آئرش ڀاشا ۽ تهذيب ۽ آئرلينڊ سان به پريم هوندو هو.

هنجو پتا وليم ووڊ واپاري هوندو هو. پر سندس سڀاءُ ۾ گيان پراپت ڪرڻ جي هڪ خاص وصف هئي. ڀاشا شاستر، حساب، فلسفي جا انيڪ پستڪ ڏهراڻي پڙهندو هو. شريمتي ايملي ووڊ به ڌرمي خيالن واري نيڪ عورت هئي.

انهن ريت ماتا پتا جا گڏيل سنسڪار به اندرا کي ورثي ۾ مليا. هن ۾ به علمي ذوق پيدا ٿيو. ننڍپڻ کان ئي ڪلپنائون ڪندي هئي. ديو پرين جون ڪهاڻيون زندگيءَ واري حقيقت پاسي لڳيون. البت پريم ڪهاڻين ۾ ڪيس خير ڪا دلچسپي هئي.

ننڍي هوندي بيمار رهندي هئي. ماءُ سمجهندي هئي ته اندرا گهڻو وقت جيئري نه رهي سگهندي. پر اندرا وڏي ڄمار ماڻي. ٻالڪپڻ ۾ ئي ڪيس پيءُ جو وڇوڙو مليو. سندس ماءُ ئي جڳ پهاڙ ڪرڻو.

شريمتي ووب همت ڪانه هاري. پوڙهيو ڪري پنهنجي ٻارن کي پالي وڏو ڪيائين. هن هيرو جي پرسان هڪ هاسٽل هلائي. ٻارن جي پڙهائيءَ جو بندوبست ڪيو. ٻارهن سال هاسٽل سندن گذران جو وسيلو هئي.

هڪ معزز خاتون مس مارنيٽ جي صحبت ۾ اندرا کي علم کانسواءِ اخلاقي تربيت به ملي.

هنجي ڪوشش سان اندرا يورپ جو سفر ڪيو. جرمن ڀاشا ۾ پڙهي. پيرس ۾ به رهي. سفر ڪري سندس نظريو ڪشادو ٿيو.

انگلنڊ ۾ اچي سنگيت جي سکيا ورتائين. گهوڙي سواري، تير اندازي جو شوق به پورو ڪيائين. ماءُ ڏيءُ جون سڀ تمنائون پوريون ڪيون.

۽ ٻه جيون ۾ رس نه هئڻ سبب وياڪل رهڻ لڳي. آسپاس گندين بستين ۾، جهوپڙين ۾ بيمار، غريب، غليظ ٻار ڏسي هوءَ سوچيندي هئي ته جڳ جي اپائڻهار- پالڻهار جو ڇا اهوئي روپ آهي؟....

عيسيٰ مسيح تان به اينيءَ جو اعتقاد لڏي ويو. پرارٿنا جي عادت به ڇڏي ڏنائين.

هن هڪ مصنوعي نالي سان ڪتاب ڇپايو، جنهن ۾ هن عيسائي مذهب جي هلي چلي ۽ عقيدن - ڪهنه، پرستيءَ جون ڌجيون اُڏايون. سياڻا پاڻڪ سمجهي ويا. هوءَ مقبول ليکڪا هئي. ان وچ ۾ سندس هڪ ناستڪ شري چارلس برادلي سان ملاقات ٿي. هن جي همت افزائي سان ”نيشنل رفارمر“ ۾ لکڻ شروع ڪيائين.

پنهنجي آزاد خيالات، صاف گوئي سبب خوب نالو ڪڍيائين. سندس فصيح واڻيءَ ۾ تقريرون ٻڌي ماڻهو ڏندين آڱريون ڏيڻ لڳا. پر قدرت اينيءَ لاءِ مهان ڪارج سوچي رکيو هو.

اينيءَ ڀارت ۾ چاهه وٺڻ لڳي. ١٨٧٨ع ۾ ”انگلنڊ، ڀارت ۽ افغانستان“ نالي پستڪ پڌرو ڪري سلطنتشاهيءَ جو قالبو ڦوڙيائين.

شري اسٽيڊ جي سنگ ۾ سماج سڌار ۾ به سرگرم ٿي. جارج برنارڊشا به کيس ڏاڍو متاثر ڪيو. ”شا“ به سندس فصيح زبان جو قائل ٿيو ۽ کيس خوب ساراهيو.

شروع ۾ اينيءَ ڌارمڪ سڀاءَ واري هئي. پرسان گرجا گهر ۾ وڃي لٽ ليمر سان دکين جي سار سنڀال لهندي هئي. اينيءَ ١٨٦٦ع ۾ ڪئمبرج جي هڪ پادري پروفيسر فرينڪ بيسنٽ سان سندس سڳاٽپ ٿي. اهـا پريم ۾ بدلي ۽ آخر ٻنهي وواهت جيون شروع ڪيو. اينيءَ بيسنٽ کي ٻه ٻار ٿيا. ليڪن سندن وواهت جيون سکي ڪو نه گذريو.

پتي - پتنيءَ جي خيالن ۾ زمين - آسمان جو فرق هو. پتيءَ جي تند مزاجي، شڪي سڀاءَ ۽ ذليل وهنوار طلاق تائين نوبت آندي. پر عدالت ٻارن جو قبضو پادري بيسنٽ کي ڏنو. اينيءَ لاءِ اهو زبردست ڌڪ هو. هن گهڻو ئي پاڙيو. اپيلون پر ڪجهه ڪو نه وريو. عدالت هيڪاري زخمن تي لوڻ ٻرڪيو: "ٻار ماءُ وٽ رهيا ته ماءُ وانگر ناستڪ ٿي پوندا."

اينيءَ جو عيسائي ڌرم ڏانهن من کٽو ٿي پيو ۽ ايشور ڏانهن وشواس به لڏي ويو.

من جي پرسانت کي هن ساهت جي ذريعي دور ڪيو. آڳهاٽ جو ۽ خيال آئس پر ضمير سڀجي هوس، سڀالي ورتائين. ان بعد اوتارن - پيغمبرن جون جيون ڪهاڻيون ۽ سماجي ڪهاڻيون لکڻ شروع ڪيائين.

ڪيس اجوري ۾ هڪ هفتي لاءِ هڪ سولي گڏي ملي ته ڏاڍو فخر ٿيس.

هن ملڪ ۾ مهان ودوان ڀارت رتن ڀگوانداس (وارانسي)، پنڊت مدن موهن مالويه جي سهڪار ۾ آئي. گنگا اشنان ڪري هندو نارين وانگر ساڙهيءَ ۾ ملبوس ٿي. سنت ٿي سوديشي هلچل ۾ ٽپي پئي.

گانڌيجي ۽ جواهرلال جهڙا اڳوان ننڍي هوندي کان ٿي اينيءَ بيسنٽ جي لاءِ وڏي شردا رکندا هئا. آزاديءَ جي هلچل ۾ هن کيس پنهنجو اڳوان تسليم ڪيو. ڪلڪتا ڪانگريس (١٩١٧) جي پرڌان پد کي اينيءَ بيسنٽ سينگاريو. گڏ گڏ ٿيندي، ڀارتواسين جي هن سنمان لاءِ ٿورا مڃيندي چيائين، ”جڏهن برٽش سرڪار منهنجو اپمان ڪيو، توهان منهنجي سر تي عزت جو تاج رکيو. مونکي بدنامي ملي پر توهان مون ۾ وشواس ظاهر ڪيو. جڏهن مان نوڪرشاهي جي پيرن هيٺان ڌڪيل هوس توهان مونکي پنهنجو ”نيتا“ تسليم ڪيو. جڏهن مان آتم رکشا لاءِ هٿوراڙيون پئي هڻيون توهان اچي ساهس ۾ سانڍيو ۽ سنڀاليو. مان نه پنهنجي نڪي سيوا جي ڪري به سنتوش ظاهر ڪيو پر توهان نه سنسار کي مونکي پنهنجو عيوضي ڪري ڏيکاريو...“

اينيءَ بيسنٽ ڀارت ۾ اچڻ سان محسوس ڪيو ته پورب واسين جو من پڇم وارن کان وڌيڪ نرمل آهي- هو روحانيت ڏانهن وڌيڪ مائل آهن.

هن سڀا جي ڪيترن ۾ سرگرم ڀاڱو ورتو. تعليم يافته

بعضي ڪٽر ماڻهو اينيءَ کي بداخلاق چوندا هئا. سڀني ڌرمن جو به وسڪارو ڪندا هئا. پر هن جو ضمير جيڪي چوندو هو اهي اُهو اينيءَ کي به ڪم ڪرڻ ڪيو.

"راجنيتيءَ ۾ استرين جو درجو" اها سندس پهرين تقرير هئي. ناري اڌڪارن کانسواءِ مزدورن لاءِ به لڙندي رهي. ماچيس فئڪٽري ۾ مزدورن جو اُجورو اينيءَ جي ڪوشش سان وڌايو ويو.

آزادي ۽ لوڪشاهي جي پرستار اينيءَ برٽش سرڪار جا آئرليند، برما، مصر ۽ ڀارت ڏانهن ورتل سامراجي نيتيءَ جا خوب چوڏا لاٿا.

اُچانڪ کيس بلاواسڪي جو پستڪ مليو، جنهن سندس سموري شخصيت ۾ زبردست بدلاءُ آڻي ڇڏيو. ١٨٨٨ع ۾ ٿياسافيڪل سوسائٽي جي روح روان مئڊم بلاواسڪي سان ملاميلو ٿيس.

اينيءَ بيسنٽ جي جيون ۾ هڪ نئون موڙ آيو. ٻنهي ڄڻن جي وچ ۾ "گرو-شش" جو ناتو جڙي ويو.

اينيءَ بيسنٽ ٽي سو کان به وڌيڪ ڪتاب لکيا. ١٨٩٠ع ۾ اهو سڀاڳو ڏينهن آيو جو اينيءَ بيسنٽ کي ٿياسافيڪل سوسائٽي جي انڊيا برانچ جو بار سونپيو ويو. ڀارت ياترا کيس نئون اُتساهه ڏنو.

ڀارتواسين ۾ به سندس سماچار اڳيئي پکڙيل هو. ڀارت ۾ کيس شاهاڻي آجيان ملي.

پنهنجي وديشي سيوڪا جو ”ڪانگريس جو ڇٽ ڀرائي“ سنمان ۽ قدر ڪيو.

١٩٣٣ ۾ سندس صحت ڀڳي ٿي ۽ سندس ديهانت ٿيو.

١٩٥٦ ۾ اينِي بيسنٽ جي جنم ڏينهن لـــي شري جواهرلال سنديش ۾ چيو هو:

”شريمتي اينِي بيسنٽ جي جنم ڏينهن تي واڌايون موڪلي رهيو آهيان. نئين پيڙهي لاءِ شايد هوءَ ”ٿالي ماتر“ هجي. پر مون کان اڳي ۽ منهنجي پيڙهيءَ لاءِ هوءَ هڪ زبردست هستي هئي، جنهن اسان کي متاثر ڪيو هو. ڀارت جي آزاديءَ ۾ هن جو شاندار يوگدان هو. هن ئي ڀارتواسين جو ڌيان ڀارت جي سانسڪرتڪ وارثت ڏانهن ڇڪايو هو ۽ اسان فخر محسوس ڪيو.

پنهنجي وصيت ۾ اينِي بيسنٽ صرف ايترو چاهيو ته سندس سماڌيءَ تي هيءُ لفظ اُڪرايا وڃن -

”هن سچ جي راهه تي هلڻ جي ڪوشش ڪئي.“

ڀارتواسين کي پنهنجي مهان پراچين سنسڪرتي ۽ سڀيتا
کان واقف ڪرايو. جنهن سرشٽيءَ جي ڏهوي سربر ڌارڻ ڪري
آئي.

۱۸۹۸ع ۾ واراڻسي ۾ سينٽرل هندو ڪاليج برپا
ڪيائين جو بعد ۾ ”بنارس هندو يونيورسٽي“ جي نالي
سان پرسڌ ٿيو.

انبي بيسنٽ استرين جي وڪاس لاءِ انيڪ
رٿائون عمل ۾ آنديون. جهڙوڪ:

"SCOUTS AND GIRL - GUIDES"

"SONS AND DAUGHTERS OF INDIA"

جهڙيون سنستائون استاپت ڪري هڪ نئين لهر آندي.

شروعات ۾ دقيانوسي طبقي ۾ انبي بيسنٽ جا
انقلابي ويچار پسند ڪين پيا پر ڌيري ڌيري ٻال وواهه،
ڇوت ڇات جي خلاف ماڻهن جو رايو بدليو- وڌوا
وواهه ۽ ناري سکيا کي اوچ ملي.

ڀارت جي آزاديءَ لاءِ ”هوم رول ليگ“ برپا
ڪيائين. ۱۹۱۷ ۾ برطانيه سرڪار کيس ڪوئمبٽور ۾
نظربند ڪيو. ان وقت مدراس جي چيف جسٽس ڊاڪٽر
سبرمڻيم آمريڪا جي راشٽرپتي ولسن کي انبي بيسنٽ
جي گرفتاريءَ جي باري ۾ لکيو. ان جو ترت اثر ٿيو.
ولسن صاحب برطانيه جي وزير اعظم لائيڊ جارج کي
لکيو ۽ انبي بيسنٽ کي باعزت ڇڏيو ويو. ديشواسين

سنڌ جي سورويِر سپُٽري



ڪماري جيٺي سپاهيملاڻي

سنڌ جي سوروير سپُٽري

ڪماري جيٺي سپاهيملاڻي

ڪرشن راهيءَ جو هڪ شعر آهي:

”وطن لاءِ جان ٻه گهوري   پوءِ ٻه ٿوري
سنڌين جان نه گهوري   وطن گهوري آيا“

سنڌين پنهنجو وطن، سنڌ ڀارت جي آزاديءَ صدقي وڃايو. پر سنڌين اهڙا ٻه لعل پيدا ڪيا هئا جن ديش جي آزاديءَ لاءِ ساهه صدقو ڪيو هو. اُنهن شهيدن ۾ هيمون ڪالاڻي، الله بخش سومرو جا نالا صف اول ۾ اِتهاس ۾ لکيا ويندا.

سنڌڙيءَ ديش ڀڳت ناريون ٻه پيدا ڪيون، جن اَنيڪ قربانيون ڏنيون، سور سختيون برداشت ڪيون ۽ آزاديءَ ڪاڄ ٻه پنهنجو تن، من ۽ ڌن ديش ۽ سماج لاءِ نڇاور ڪري ڇڏيو اُنهن ۾ ڪماري جيٺي سپاهيملاڻي جو نالو سڀ کان سرس آهي.

آزاديءَ جو ڦل - ستا جي روپ ۾ سنڌ جي ڪيترن

قومي اڳوان کي مليو هو. ورهاڱي کان اڳ ڀيڻ جيٺي سپاهيملاڻي سنڌ ليجسليٽو اسيمبليءَ جي نائب اسپيڪر ۽ ان بعد ڪجهه عرصو اسپيڪر جي پد تي شوڀائمان ٿي هئي.

ڀارت ۾ - خاص ڪري بمبئي کي پنهنجي سرگرمين جو مکيه ڪيندر بڻائي هن عام ۾ ڀاڪي اثرو پيارو ڪيو جو ڪيس "مهاراشٽرا ليجسليٽو ڪائونسل" جو نائب چيئرمين بڻايو ويو. اها سنڌين لاءِ فخر جي ڳالهه هئي. ان عهدي تي رهندي جيٺي ڀيڻ کي ڪافي وقت مليو ۽ هن "گرهه نرماڻ" جي اڏاهه ڪارڻ ۾ ڀاڪي جڻ سمرپڻ ڪري ڇڏيو ۽ اڻيڪ بي گهر ڀاڻوارن کي ٺڪاڻو ۽ سکيو ستابو ڪيو.

ان لاءِ جيٺي ڀيڻ "نوجيون ڪوآپريٽو هائوسنگ سوسائٽي" جي استاپنا ڪئي ۽ بمبئي ۾ ان سوسائٽيءَ جي سهاري هيٺ چار وڏيون ڪالونيون تعمير ڪرايون- جهڙوڪ: ماهيم، مائونگا (ڀائي پڳوانسنگهه ڪالوني)، چيمبور (مهاتما گانڌي نگر) ۽ لئمنگٽن روڊ.

ڪٿ ڪجي ته جيٺي ڀيڻ جو گرهه نرماڻ ڪارڻ، هائوسنگ بورڊ کانپوءِ وڏي ۾ وڏو ليکيو ويندو- سڀ ڀارت ۾. اهيئي هن نشڪام سيوڪا جا يادگار ٿي رهندا.

انهن ته بمبئي ۾ سهڪاري سمتين جي ذريعي اڻيڪ گهر يا فليٽ آباد آهن. ليڪن جنهن ايمانداريءَ ۽

جو هوندو هو. جيٺي ٻنهي کي ٻه وڏيرن جيون ڪان ئي ديش پريم هو. وڏن آچاريه آسودومل گدواڻي، آچاريه جي. بي. ڪرپلاڻي، شري جئرامداس دولترام، ڏيو ٽا سروپ جمشيدجي لسروانجي جهڙن ديش ڀڳتن ۽ سماج سيوڪن جي صحبت ۾ آئي ۽ رچي راس ٿي.

اسڪول ۾ ڪلاس جي مانيٽر هوندي هئي. ڪراچيءَ جي الڊين گرلس هاءِ اسڪول مان مئٽرڪ پاس ڪري ٿي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ داخل ٿي. پر ڊگري وٺڻ کانسواءِ ئي ۱۹۲۹ ڌاري آزاديءَ جي هلچل ۾ سرگرم ٿي وئي.

شاديءَ جو ذڪر ايندو هو ته چوندي هئي، "مون آزاديءَ جي هلچل سان لانون لڌيون آهن.

ورهاڱي بعد به گهر گرهستي جو جيون اختيار ڪري ڏاڍيڪي ٿي وڃڻ بدران هن ٻنهي لوڪ سيوا ۾ ئي باقي جيون وتيت ڪيو ۽ زندگيءَ ڀر پاڪدامن ٿي رهي.

آزاديءَ جي هلچل جي دوران سنڌ جي عظيم هستين کانسواءِ هندستان جي نامور ٻين مها نارين جي سمپرڪ ۾ آئي، جنجو هن پستڪ ۾ ورڻن ڪيل آهي. شريمتي سروجني نائيڊو- بلبل هند ۽ شري اينيءَ بيسنٽ، جن سنڌس جيون کي وڏيڪ سارٿڪ بڻايو. قومي ويچار ڌارا، سيڪيولرزم ۽ صوفي اثر سنڌس نظر ئي ۾ سمايل هئا، ليڪن پنهنجي سوڌرم کي هرگز ڪين وساريو.

اورچائيءَ سان اُن جيون سو سائينءَ طرفان ”گرهه لڇمي“ جو ڪارڻ ٿيو آهي، اهو لاثاني آهي. سڀ فلٽون شاندار، هوادار ۽ شهري زندگيءَ جي مڙني سهوليتن سان سهڻين کي ميسر ڪيو ويو آهي. لاڳت به اهڙي معمولي آهي جو سوين گهرجائو سنڌي ڪٽنب دربدر ٺوڪر کان بچي ويا ۽ اڄ انهن فليٽن جو اگهه، اهڙو چوٽ چڙهيل آهي جو لک لهن!

جيٺي ڀيڻ کي اهو اُجورو مليو من جو سنتوش ۽ برت اوسٿا ۾ به عام جي سيوا ڪارڻ ۾ پاڻ کي مشغول رکڻ، سندس ڪرم جي شڪتي ۽ اُتساهه نوجوان لاءِ آدرش هئا. ڪنهن ڪم جيسين مڪمل نه ٿئي تيسين هوءَ سک نه سمهندي هئي.

هوءَ جمندي جام بهادر ۽ بيباڪ هوندي هئي. سندس ڪرم يوڳ جو جيون ٽين نهيءَ لاءِ دل اُتاريندڙ ۽ پريرڻا جو سرچشمو آهي.

اوائلي جيون

جيٺي ڀيڻ جو جنم ۱۰ فيبروري ۱۹۰۶ تي حيدرآباد سنڌ ۾ سپاهيملاڻي پريوار ۾ ٿيو. سندس پتا تلسيداس سپاهيملاڻي ايم. اي. ايس ۾ آفيس سپرنٽينڊنٽ هوندو هو. سندس وڏو ڀاءُ شري ليکراج، مشهور ايم. جي. شهاڻي اينڊ ڪو ۾ ڀاڱيدار هوندو هو. هو صاحب ننڍي هوندي کان ئي کادي پوش ٿي رهيو ۽ قومي وچارن

جيٺي ڀيڻ ٻه جيل ڪاٽي آزاد ٿي هئي.

ٻيون مثال -

۱۹۴۲ ۾ جيٺي ڀيڻ جيل ۾ سخت بيمار ٿـي پئي. اُن وقت شري جي. ايم. سيد صوبه سنڌ مسلم ليگ جو صدر هو. هو صاحب ۽ جيل وزير جيل جي انسپيڪشن ڪرڻ ويا. جيٺي ڀيڻ کي ڏسڻ سان اُهاڪ چئي ڏنو: ”تون هيڙي سخت بيمار آهين، تنهن ڪري توکي تـه يڪدم آزاد ڪرڻ گهرجي!“

ٻنهي ساٿين کي جيٺي ڀيڻ ٺهه پهه چئي ڏنو: ”ادا، اهو ته اوهان جو ڪم آهي، جن مـوڪلي جيل ۾ رکيو آهي. باقي جي توهان کي اها خوش فهمي هجي ته مان سڌو يـا اڻسڌو اشارو ڪري پاڻکي آزاد ڪرائڻ جي ڪوشش ڪريان ته پوءِ توهان اُجايو پاڻي ولوڙي رهيا آهيو.“

کهڙي نه خود داري!

ٽيون مثال هن ريت آهي:

۱۹۴۱ ۾ ماتا جي بيماريءَ سبب جيٺي ڀيڻ کي پئرول تي ڇڏيو ويو.

سر غلام حسين جـا سنڌس ڪٽنب سان گهرو ناتا هئا. اهو وجهه وٺي هن چيو ته ”جيڪڏهن جيٺي ڀيڻ اها خاطري ڏيندي ته ماءُ جي بيماريءَ واري عرصي ۾ هوءَ قومي سرگرمين ۾ ڀاڱو نه وٺندي ته کيس يڪدم آزاد

نيم سان گيتا ۽ گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ ڪندي هئي.

چمتڪاري گڻ

جيٺي ڀيڻ دلير عورت هئي. هن ۾ آتم وشواس ۽ صاف گوئيءَ جو مادو ڀرپور هو. اسيمبلي ميمبر جي حيثيت ۾ هوءَ عام جي اهڃاڻن جي ترجماني ڪندي، وڏن وڏن جا چوڏا لاهڻ ۾ وڏو ڪاڻ ڪندي هئي.

سنڌ جي بزرگ اڳوان ۽ جيئي سنڌ جي باني محترم جي. ايم. سيد پنهنجي هڪ يادگار ڪتاب ۾ جيٺي ڀيڻ جي باري ۾ لکيو آهي ته هوءَ هڪ بهادر ۽ بيباڪ عورت هوندي هئي.

شاهه صاحب ڪي دلچسپ واقعا قلمبند ڪيا آهن، اُنهن مان ڪي مثال پاڙهڪن جي دلچسپيءَ ۽ ڄاڻ لاءِ پيش ڪريان ٿو.

هڪ ڀيري سنڌ جي مکيه وزير سر غلام حسين هدايت الله جي سامهون گهرو کاتي جي وزير جي نالائقيءَ تي چوٽ چٻڀندي چيائين ته هو سنڌ ۾ امن امان قائم رکڻ ۾ پوري طرح ناڪام رهيو آهي. جيتوڻيڪ ڪنهن به کادي پوش کي اُن وقت ٿوري ”گستاخي“ لاءِ بنا وارنٽ جيل اماڻڻ رواجي ڳالهه هئي پر جيٺي ڀيڻ پرواهه ڪانه ڪئي. ۱۹۴۴-۴۳ وارو دور هو جڏهن ۱۹۴۲ جي ”ڪئٽ انڊيا“ لهر سبب ڪيترا اڳوان جيلن ۾ بند هئا. احساس حڪومت ڪاني رهيو هو.

ڪري مان چانهه انهي ۾ پي سگهان."

کهڙي صفائيءَ ۾ چيو، ”تون نه عجيب عورت آهين! مرحوم الله بخش سومري جو ڀاءُ ۽ فرزند (مولوي بخش سومرو ۽ رحيم بخش سومرو) اڪثر مون وٽ ايندا رهندا آهن، منهنجي مهمانوازي قبول ڪندا آهن ۽ تون انڪار ڪري رهي آهين؟"

جيٺي ڀيڻ وراڻيو، ”کهڙا صاحب! مرحوم الله بخش سومري جي مٽن جو هن سان خون جو رشتو آهي، پر منهنجو هن سان روحاني رشتو هو. تنهن ڪانسواءِ هو مرد آهن. مرد جيڪي چاهين سو ڪري سگهن ٿا. مان عورت ذات! ان ڪري مون وٽ شايد اها دل ڪانهي جيڪا ماضيءَ کي وساري ۽ معاف ڪري سگهي."

جيٺي ڀيڻ آزاد خيال هوندي به پارٽي پروگرام سان نباهيو. ليڪن ڪرسمن، مذهبي خارج رواجن ۽ ڪٽر پرستيءَ کان ڪيس هميشه عار رهيو. هوءَ روشن دماغ ۽ ترقي پسند هئي ليڪن پارٽي مرياڊا - لڪشمڻ ريکا کي ڪڏهن ڪين اورانگهيو.

استرين جي حقن لاءِ هن پاڻ پتوڙيو. ۱۹۳۷ ۾ سنڌ اسيمبلي (وڌان سڀا) ۾ استرين جي ورثي جي باري ۾ بل پيش ڪيو جنهن ساهري لوڙي پيڪي استرين کي مردن جي برابر حق حاصل ٿي سگهن.

وڏي عمر ۾ به جيٺي ڀيڻ ۾ نون ۽ پراڻن خيالن جو

ڪيو ويندو.“

دراصل خود جيٺيءَ جي حالت به اهڙي سگهاري ڪانه هئي جو ڪو سرگرم ڀاڱو وٺي سگهي، پر ان قسم جي خاطري ڏيڻ سندس ضمير ۽ غيرت گوارا نه ڪيو. جيجل سان اٿاهه پيار هوندو هوس. هوءَ پوڙهان پساهه کڻي واري هئي. ليڪن ”ڀارت ماتا“ جي عزت ماتا جي پراڻن کان وڌيڪ پياري هئي.

شري جي. ايم. سيد جو هيٺيون مثال ته اتهاس ۾ مکيه جڳهه والاري ٿو-

”سنڌ جو مکيه وزير بڻجڻ لاءِ خان بهادر محمد ايوب کهڙي ڏاڍا داوپيچ هلايا هئا ۽ شهيد الله بخش سومري جي خون ۾ به سندس هٿ هو. کهڙو ئي سنڌ جو مکيه وزير بڻيو. هڪ سب ڪاميٽيءَ جي ميٽنگ کهڙي جي بنگلي تي رکيل هئي. جيٺي ڀيڻ به نائب اسپيڪر جي ناتي اُن ميٽنگ ۾ شامل ٿي هئي. سڀني ميمبرن کي ناشتو ۽ چانهه ڏنو ويو. جيٺي ڀيڻ کانسواءِ سڀني ميمبرن ناشتو ڪيو ۽ چانهه پيتي.

هن مکيه وزير کي چيو ته مونکي معاف ڪندا جو مان توهانجي هٿن جي چانهه ڪانه پيئنديس. ڇاڪاڻ ته اهو عالم آشڪار آهي ته توهانجو مرحوم الله بخش سومري جي خون جي سازش ۾ هٿ هو ۽ مهنجو اُن اُڙو تي انومان آهي. الله بخش مهنجو دوست هو ان

گانڌيءَ جي ويچار ڌارا ۾ سندس اٽوٽ وشواس هو ۽ اُن جي پيروي ڪندي رهي. اڇوت اُڌار، وڌوا وواهه، ناري ۽ ٻال ڪلياڻ، ٻنيادي تعليم، اهڙي جوڙجڪي ڪارن ۾ سرگرم ڀاڱو وٺندي هئي.

ڀارت کان سواءِ جيٺي ڀيڻ وديشي ملڪن جو به سفر ڪيو. جوانيءَ ۾ ۱۹۳۵ ڌاري پهريون ڀيرو يورپ وئي هئي. هالنڊ ۾ انٽرراشٽري وديارٿي سميلن ۾ به ڀاڱو ورتائين. انگلنڊ ۾ لارڊ لوٿين سان ملاقات ڪري هن کي نئين روشني حاصل ٿي هئي.

ورهاڱي بعد بمبئي مان ۱۹۵۹ ۾ پارليامينٽري سفارت ۾ لنڊن ۾ ڪامن ويلٿ ملڪن جي ڪانفرنس ۾ شامل ٿي هئي.

اپريل ۱۹۶۱ ۾ جپان جي ڇهه هفتا ياترا ڪيائين. ان بعد ڏکڻ اوڀر ملڪن خاص ڪري هانگ ڪانگ، بئنڪاڪ سائيگان، ڪوالالمپور (ملايا) ۽ سنگاپور ۾ وڃي اُتان جي سماجي ڪلياڻ ڪاري سنستائن جو اڀياس ڪيائين. مٿين ملڪن ۾ عام ڀلائي جا ڪارج ڏسي ڪيس عملي آزمودو مليو.

جيٺي ڀيڻ جو عمل ۾ وشواس هوندو هو. هن کي اُپٽار ڪاله وٺندي هئي. نه وري هوءَ ڪا فصيح زبان واري وڪتا هئي. ٿورو ڳالهائو هوندي هئي. هن جي واڻيءَ ۾ ڪوبه وڏاءُ نه هوندو هو. هن جي ڀاوَ پريل هوندي به هوءَ ڪرلوبه ڪي اُڀرائي ڏيندي هئي. ناري

نوازڻ ٿيو رهيو. هوءَ دقيانوسيءَ ۽ هلي چلي کان به
دور هئي ته حد کان وڌيڪ جدت پسنديءَ ۾. کيس
ڳالهه وڻندي هئي. هندي جيون درشن جو اهو ئي سار
هو اسان اول وطن پرست ٿيون. شخصي يا انفرادي
طور- پيو سڀ ڪجهه بعد ۾.

جيني پنڊت ڪانگريس سان هڪ سپاهي ۽ ڪارڪن
ڪرتا جي روپ ۾ عمر ڀر ناتو نڀايو ۽ ڪڏهن به اڳواڻي
جي تمنا ڪانه ڪيائين. ڪانگريس سرڪار کي اها صلاح
ڏيندي رهي ته اسانجي ملڪ جي ۸۰ سيڪڙو آبادي
ڳوٺن ۾ آهي، انڪري تعليم جو سروپ گرام وڪاس
بنياد تي هئڻ جڳائي. ان لحاظ کان "بنيادي تعليم" کي
اڳڀرائي ڏيندي هئي، جنهنکي مهاتما گانڌي ۽ ڊاڪٽر
ذاڪر حسين ڪافي سوچ ويچار بعد لاڳو ڪيو هو. پر
اڄ صرف ليکو پيو ڪنجهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو
تعليم جو ڦيٽرو ڦهلاءُ ٿيو آهي، ليڪن سکيا جو مول
مقصد پراپت نه ٿيو آهي.

اسانجا ڪيترا وديارٿي ۽ نيتا ئي وارا بي لغام
ٿيجي خود غرض ۽ رجعت پسند شڪتين جي هٿن ۾
کيڏي رهيا آهن. جن قومي جيوت کي ساڻ ئي ڪنجهي
ويا آهن.

پرانتڪپڻي، جاتيوار نفاق کي ملڪ لاءِ ڪئنسر
سمجهندي هئي.

ڪي جهلڪون

١٩٥٤ کان ١٩٦٠ تائين آل انڊيا ڪانگريس ڪاميٽي (A. I. C. C.) جي ميمبر ٿي رهي.

١٩٣١ ۽ ١٩٤٢ ۾ جيل ياترائون ڪيائين. مهاتما گانڌيءَ جو سڏ اوناڻي کادي پرچار، شراب جي دڪانن تي پڪيٽنگ، ولائتي ڪپڙي جو بهشڪار، لوڻ جي قاعدي جي ڀڃڪڙي، هريجن ڪلاسون. اهڙن طريقن سان ديش سيوڪا جي ڀومڪا نڀائيندي رهي.

ورهاڱي بعد جيٺي ڀيڻ همت ڪانه هاري. هندن جي لڏ پلاڻ ۾ خاص ڪري هندو سنڌي استرين کي سهي سلامت ڀارت روانو ڪرڻ ۾ هن ڪافي سهيوگ ڏنو. اُن بعد سنمان ۽ عزت جي ڪارڻ کيس به بمبئي لڏي اچڻو پيو.

جيٺي ڀيڻ ١٩٥٤ کان ١٩٦٢ تائين مهاراشٽرا ليجسليٽو ڪائونسل (وڌان پرشد) جي نائب چيئرمين جي پد تي رهي ۽ پنهنجي قابليت جو ڌاڪو ڄمايو. شاندار پارليامينٽري روايتن جو پنهنجي آزمودي موجب رڪارڊ قائم ڪيو.

ليڪن سندس مکيه ڪارنامو "گرهه نرماڻ" ٿي رهيو ۽ "گرهه نرماڻ اتهاس" ۾ سندس نالو سونهري حرفن ۾ لکيو ويندو. هن اُتساهه ڪارج ۾ سندس سرونچ ساٿي ۽ سچو ٻانهن ٻيلي ٿي بيٺو شري منگهارام سپاهيملاڻي.

هردو رکندي ۽ شخصي جذبات تي قابو رکڻ جي ڪوشش ڪندي هئي.

ڳالهين ۾ وقت وڃائڻ بدران اها شڪتي سموري ديش جي آذاوت ۾ لڳايون ننڍين کسي اهوئي سنيهو ڏيندي هئي.

جيٺي ڀيڻ کي سوڀاڳيه سان موافق واتاورڻ مليو هو. سنڌ ۾ ڳوڙهل حصو قومي هلچل ۾ ڏنائين. کيس ڪافي وسيلا ۽ وجهه مليا جن سندس ڪارڻ کي عملي روپ ڏيڻ ۾ هٿي ڏني.

سنڌ ۾ فرقيپرست شڪتين جو ڪٽر ورودي ۽ قوميت ۽ ملڪي اتحاد جو علمبردار هو مرحوم الله بخش سومرو جو سنڌ جو هردلعزيز مکيه وزير ٿيو. جنهن کي ڪانگريس جي پٺڀرائي هوندي هئي. هو نهايت حليم، خداترس ۽ وطن پرست هو. آل انڊيا مسلم اسوڻ جو صدر ۽ بڻيو هو مسلم ليگ جي صدر ۽ پاڪستان جي باني محمدعلي جناح کسي هن سنڌ ۾ اسرڻ نه ڏنو، جيسين خان بهادر کهڙي جي سازش ڪامياب نه ٿي ۽ الله بخش سومرو شهيد ٿي ويو.

جيٺي ڀيڻ ان هستيءَ کان بيحد متاثر ٿي. الله بخش سومرو ۽ جيٺي ڀيڻ جي شخصيت، آزاد خيالي، بيباڪائي حب الوطني ۽ قرباني جي جذبي جي بيحد عزت ڪندو ۽ سندس صلاح ۽ راءِ کي مان ڏيندو هو.

اُن وقت جي پرڌان منتري شري مورارجي ڏيسائي شري منگهارام سپاهيملاڻي ڏانهن شوڪ سنديش ۾ چيو هو "جيٺي ڀيڻ آزاديءَ جي هلچل ۾ اسانجي مکيه ساٿين مان هڪ هئي. سنڌ مان آيل نرواسين جي پنرواس ڪارج ۾ هن پاڻ کي سمرپت ڪري ڇڏيو هو. ساروجنڪ ڪيتر ۾ ڪيس پنهنجي ساٿين وٽ آدر ۽ سنيهه مليو ۽ اُنهن جي سهڪار سان هن کي دين دکين جي شيوا ۾ پريرڻا ملي."

سنڌ جي سورويرن سپتري ۽ ڀارت ماتا جي سيوڪا،
هن مهان ناريءَ کي ٻار ٻار پرڻام!!

جيئن پيٽ جو تعليم سان چاھ ھئي ڪان پئي رھيو هو. ڪراچي ميونسپل اسڪول بورڊ، ڊي. جي. سنڌ ڪاليجئيٽ بورڊ ۽ ايس. ايل. ڊي. ٽي. مھلا وديا پيٽ سان به جڙيل رھي.

آرٿڪ طور جيئن پيٽ ڪا وڏي ڏيوان ڪالھ ھئي پر ستنترتا سنگرام ۾ جن سائين جي ھڻن مالي حالت ڪمزور ڏني تنھڪي اڪل ھمت سان اداراڻا سان مدد ڪندي ھئي، ڪٿھڪي سمڪ به ڪالھ پولدي ھئي.

ڪجھ سال اڳي ھن ھڪ ٽرسٽ قائم ڪيو جنھن ٽيڪنيڪل سکيا ۽ تربيت لاءِ گھرجائو شاگردن- سيڪراٽن کي مالي مدد ڏئي سگھجي.

عام جي صحت لاءِ ھ ھ خيرالي شفاخانا ۽ ھيلٿ سينٽر قائم ڪري ولئي. سفيد پوشن جي ھ وس پھچندي سار سنڀار لھندي ھئي.

آخرين سفر

٢١ مي ١٩٧٨ تي صبح جو سدان ڪري اسٽ ايم موجب سکمني جو پاٺ ڪندي، سندس پڪيڙو پرواز ڪري ويو. ڪھڙو نه شاندار آخرين سفر - ھرڪو رشڪ ڪري. نه خود ڪشٽ ڀوڳيائين نه ٻين کي ڏنائين.

وصيت ۾ پنھنجي سموري ملڪيت خيرالي ڪمن لاءِ دان ڪري ويئي. ايتري قدر جو "اکيون" به دان ڪري ويئي.

راڳ جي راڻي



بيگم اختر

راڳ جي راڻي

★ بيگم اختر ★

راڳ جي آڪاس جو آفتاب - بيگم اختر، جنهن جي گلي ۾ قدرت هڪ اهڙو تاثير ۽ مٺاج ڀريو هو، جنهن کي ٻڌڻ سان بيخود ٿي وڃڻ سوڀاوڪ هو. هن جي گائڪي جي نرالي شيلي هئي. هوءَ نه رڳو ڀارت ۾ پر وديشن ۾ به، هن پنهنجي نيم ڪلاسيڪل موسيقي يا اپ شاستريه سنگيت سان سنگيت پريمين کي موهي ورتو هو. جيڪي راڳ جي باريڪين ۽ خاص ڪري شاستريه سنگيت کان اڻڄاڻ هئا اهي به سندس راڳ جا مشتاق هئا. ڇاڪاڻ بيگم اختر ٺمري، غزل، ڪجري، دادرو وغيره صنفن کي عام فهم بڻايو هو.

راڳ جي محفل ۾ بيگم اختر سماع پيدا ڪري ڇڏيندي هئي. وقت ڪيئن گذري ويندو هو، سمڪ ني ڪاله ٻولدي هئي، سڄي رات گذري ويندي هئي. سڄو واتاورڻ سنگيت مئه ٿي ويندو هو.

دراصل سنگيت جو هڪ اٽل انگ آهي. الله ڏنل

هرهڪ ساهوارو سنگيت ۾ رچيل هو. پارکين ۽ قدردانن بيگم اختر کي سنگيت جي راڻي، ملڪهٔ ترنم، نـــاد برهم جي اُپاسڪا. اهڙن پدون سان نوازيو. ڇاڪاڻ ته هن ڪيترن کي پنهنجي راڳ سان رجهايو هو.

سنگيت جي بلندين تي پهچڻ هماليه جي چڙهائي کان به ڪٺن آهي. سنگيت هڪ، سادنا آهي، تپسيا آهي. ڪٺن محنت، مشقت ۽ رياض جي اشد ضرورت آهي. پر ان لاءِ ماتا پتا يا گروءَ جو دٻاءُ ڪم نه ايندو، ان لاءِ گهرجي اندر جي اُڇـــل، قدرتي ذات ۽ ان بعد اُستاد جي رهبري. اختريءَ سان قدرت ڪجهه، اهڙو ئي پال پاليو.

اوائلي جيون

اُتـــر پرديش جي فيض آباد ۾ هن مهان گائڪا جو ٧ آڪٽوبر ١٩١۴ تي جنم ٿيو. ٥-٦ ورهين جي ڄمار ۾ ئي اختريءَ جي سنگيت ڏانهن ڇڪ اُجهل ٿي پئي. مائٽ وچارا حيران ۽ پريشان!

مڪتب جي تعليم کان ٽيڙي اختر وَنءِ ويندي هئي. البت اردوءَ ۾ سٺو اڀياس ڪيائين. شعر و شاعريءَ ۾ ڪيس چاهه ٿيو. بعد ۾ هنديءَ ۾ به ٿي وئي. پر راڳ لاءِ رغبت ته سندس نس نس ۾ سمايل هئي. مائٽن جي منع ڪرڻ جي باوجود لڪ ڇپ ۾ راڳ ٻڌندي ۽ اڪيلائپ ۾ اُنهنجو نقل ڪندي هئي.

ديش جا نامور سنگيتڪار گهرائڻ جو فيصلو ڪيو ويو.
رسمي قبوليت گهرائي وئي. جنهن نه امدادي پروگرام
هو، انهي ڪلاڪارن کي اجورو ملڻ جو آسرو ڪونه
هو. سو ڀلا ڪنهن عين موقعي تي ڪونه سنگيتڪار
حاضر ڪونه ٿيو. سڀوڳي سان اختري بائي درشڪن ۾
موجود هئي. پاليڪار وڏا گهٻرايل هئا. ڪلڪتي
جو الفريڊ ٿيٽر درشڪن سان ڪڇا ڪڇ ڀريل هو. پر
سنگيتڪار عدم پيدا.

اختريءَ لاءِ اها حالت وردان بڻجي آئي. هن ساهس
ڪري خود ڳائڻ جي آڇ ڪئي. پاليڪارن اول ته
ڪن لاتار ڪئي، پر "مرتا ڪيا نهين ڪرتا"- ٻڏندڙ
کي ڪک جو سهارو! اختريءَ کي اسٽيج تي ڳائڻ جي
اجازت ملي.

چمتڪار ٿي ويو. جن درشڪن جي باري ۾ ڀپ
هو ته غصي وچان ڪرسيون ٽوڙ ڀڃندا، اهي وڌا فرمائش
پٺيان فرمائش ڪندا.

راڳ، جون سڀ جنسون پيش ڪيائين. سڀ جهومڻ
لڳا. سڀني دل کولي داد ڏنو. چار غزل، پنج دادرا
هڪ ٻئي جي پٺيان ڳائي اختريءَ پنهنجي ڌاڪ ڄمائي.

بس- ان بعد ڪلڪتي ۾ وائي واس هئي ته اختري
۽ ان جو سنگيت.

ٽين پيڙهي درڪار پر ڀرائي پيڙهيءَ مان به ٽورن

ماءُ ذيءَ جي درد کي سمجهيو. هن کيس اُتساهت ڪيو ۽ ملڪ جي نامور ۽ ماهر اُستادن جي نگرانيءَ ۾ اختريءَ کي سنگيت وديا ملڻ لڳي.

صرف ۷ ورهين جي ننڍڙي اوسٿا ۾ ٻهراڻون پيرو اختريءَ کي عام پروگرام ۾ ڳائڻ جو موقعو مليو.

حالتن پلٽو کاڌو ۽ ۱۹۲۱ ۾ اختريءَ کي مائٽ فيض آباد مان ڪلڪتي وٺي آيا، جتي سندس شاندار مستقبل منتظر هو. ڪلڪتي ۾ کيس باقاعدي پٽيالا گهراڻي جي اُستاد عطا محمد خان ۽ ڪرانا گهراڻي جي عبدالوحيد خان صاحب وٽ سنگيت جي سکيا ملي. ٥-٦ ڪلاڪ ساڌنا ٻالڪا اختري رياض ڪندي هئي.

اُستاد غلام محمد خان ڪانسواءِ ان زماني ۾ ٺُمريءَ جي شهنشاهه اُستاد مؤذ الدين خان صاحب وٽان به تعليم مليس. سنگيت جي سڀني شاخن ۾ اختريءَ ڪافي مهارت حاصل ڪئي، ليڪن سندس من پسند ٺاعمر ٺمري، دادرو ۽ غزل رهي. غزل ۾ ته اِي جوڙ هئي.

سچي فنڪار لاءِ ادب ۽ اخلاق به لازمي آهي. اختريءَ کي اهي گڻ ورثي ۾ مليا هئا.

سنگيت سميلن

۱۳ ورهين جي ڪشوري اختريءَ جي جيون ۾ هڪ نئون موڙ آيو. ٻهار ۾ ۱۹۲۷ ۾ زبردست ٻوڏ آئي. ٻهار رليف ڪاميٽيءَ طرفان ڪلڪتي ۾ سنگيت سميلن ڪرايو ويو.

پوري شباب ۾ هئي ۽ سندس فلمون به باڪس آفيس تي ڪامياب رهيون.

مرحوم محبوب خان جي ”روٽي“، ستيه جيت ري جي ”جلسا گهر“ سندس يادگار آهن.

اوائلي دور ۾ ”نل دمينتي“، ”ايڪ دن ڪا بادشاهه“ ”آنکه ڪا نشا“، ”ممتاز بيگم“ قابل ذڪر آهن.

بيگم اختر جن فلمن ۾ اداڪاريءَ جو جوهر ڏيکاريو سي ڪهاڻي ۽ سنگيت پرڌان هيون. انهن ۾ ڪابه اخلاقي گراوٽ، هلڪڙائپ، اگهاڙپ ڪانه هئي ۽ بازاري سڙڪ ڇاپ شور وغل وارو ميوزڪ ڪونه هوندو هو.

فلمن ۾ ڀلي هوءَ بيگم اختر جي نالي سان مشهور ٿي. ليڪن سندس من جو لاڙو سنگيت ڏانهن ئي رهيو ۽ ڀاڱيءَ ۾ سنگيت لاءِ پاڻ کي سمرپڻ ڪري ڇڏيائين.

قدردانن جو ڪو ٽوٽو ڪين هو. سنگيت جي دنيا ۾ سندس همدم، همراز، همعصر ۽ سچو رفيق هو سرڳواسي مدن موهن ميوزڪ ڊائريڪٽر، جنهن جي سنگيت ۾ اڄ ٿون لطف ماڻي ٿو. مدن موهن ۽ بيگم اختر هڪ ٻئي لاءِ پريرڻا جو سرچشمو بڻجي رهيا.

٢٥ سالن جي ڀرپور جوانيءَ ۾ جڏهن شهرت جي بلنديءَ تي هئي تڏهن ناٽڪ ڪمپني لکنوءَ ۾ آئي. سنگيت پرڌان ناٽڪ ”ليلا مجنون“ لکنوءَ ۾ رڪارڊ ماٺ ڪري ڇڏيا. لکنوءَ مان سندس هاڪ حيدرآباد دکن

کي چاڙهي هوندي ته بيگم اختر سنگيتڪار ڪالسواءِ بهترين اداڪاره به هئي.

ان ڏينهن "پارسي ٿيٽر" جي ڏوم مچل هئي. مدن ٿيٽر ڪورنٿين ٿيٽر ڪافي مشهور ڪمپنيون هيون. آغا حشر ڪاشميريءَ جو ناٽڪ ڪار جي حيثيت ۾ نالو چوٽ چڙهيل هو. هن جا ناٽڪ ڪافي لوڪپريه ٿي چڪا هئا. هر زبان تي هن جي ناٽڪن جا ڊائلاگ چڙهيل هوندا هئا. هن جي پارکي نگاهه کان اختريءَ جي صلاحيت لڪل نه رهي. هن ڪورنٿين ٿيٽر ڪمپني کي سفارش ڪئي. پريءَ جهڙي ناز اختريءَ کي ٧٠٠ رپيا ماهوار تي ٿيٽر ۾ رکيو ويو. اُن وقت اها رقم معمولي نه هئي. اهو سندس ذهني صلاحيتن جو ڪمال هو.

شروع ۾ ڇهه مهينا ڪيس لواسائي ٿي. پهريون ناٽڪ "دلهن" ۾ ڊائريڪٽر کي راضي نه ڪري سگهيو.

هڪوار وري سندس جيجل ڪيس همٿايو. سو آخرڪار ڪاميابي سندس قدم چميا.

ڪمپنيءَ جي مالڪ مبارڪباد ڏيندي چيو ته: "اختري بائي! اسانجو هال ڀريو ٿي رهيو آهي ۽ درشڪ وڌي رهيا آهن."

ساڳيو ناٽڪ هڪ سال هلندو رهيو.

ناٽڪن ۾ سندس اداڪاري ڏسي فلمن ۾ به ڪيس آڇ ٿي. اُن وقت اختري فيض آبادي جي اسالي سان

عباسي صاحب جي بيگم اختر سان ملاقات ٿي. ٻنهي ھڪ ٻئي لئي ھرک ھاريو ۽ سندن محبت شاديءَ ۾ بدلجي ويئي.

ليڪن اھا شادي گلن ڀري سيج ڪانه ھئي بلڪ اگني پريکشا ھئي. سماج ۾ چؤطرف ڀڀڪار ٿي ويو. ليڪن ھوريان - ھوريان بيگم اختر پنھنجي قربانين، وھنوار ۽ حليمائيءَ، سڀاجھي سڀاءُ سان سڀني جي دلين کي جيتي ورتو. دشمن به دوست بڻجي پيا. آن اگني پريکشا مان پار لنگھڻ بعد عباسي صاحب به ساڻس سڄي جيون ساٿي وانگر توڙ نباھيو.

ليڪن ھڪ ٻيو ڌرم سنڪٽ پيدا ٿيو. عباسي صاحب ته روشن دماغ ليڪن سندس خاندان ڪٽر- پرست ھو. بيگم اختر کي ڳائڻ ڇڏڻو پيو. ڄڻ جسم مان روح نڪري ويو. بيگم دل تي پٿر رکيو. عباسي صاحب پتيءَ جي راضپي ڪاڻ ھن سڀ ڪجھ برداشت ڪيو.

ليڪن بيگم اختر جي حالت بڇڙي ٿيندي ويئي. وھين ڪانئين پرده نشين عورت جيان بيگم اختر کي پبلڪ پروگرام ته درڪنار گھر ۾ به ڳائڻ تي بندش ھئي. نتيجو اھو نڪتو جو ھنکي بسترو پڪڙڻو پيو. ان وچ ۾ سندس والده جو انتقال ٿي ويو. سنگيت ۽ جيجل جو وڇوڙو. بيگم جي جيون ڌارا ئي خشڪ ٿي ويئي. سمجھدار سياڻن صلاح ڏني ته ”سنگيت ئي بيگم جي

پهتي. ان وقت جي نظام کيس ڳائڻ جي لاءِ موڪلي.
بيگم اختر لاءِ جڻ من گهري مراد پوري ٿي. بيگم اختر
ڪمپنيءَ کان ١٥ ڏينهن جي موڪل گهري. ڪمپنيءَ
کيس انڪار ڪيو. بيگم اختر ڪمپنيءَ سان ناتا ٽوڙيا
۽ حيدرآباد دکن لاءِ رواني ٿي. اهڙو هو هن ڪلاڪار
کي سنگيت لاءِ پيار!

حيدرآباد دکن ۾ بيگم اختر جو اميدن کان وڌيڪ
سنمان ٿيو. سنگيت جي سر لهريءَ ۾ هن شاهي محلن
کان سواءِ هر عام و خاص مرڪزن ۾ موج مچائي ڇڏي.
کيس حد کان وڌيڪ عزت بخشي وئي. سرو پا ڀيرايا
ويا. سوغاتن سان کيس جهنجهي ڇڏيائون. هوءَ مالا مال
ٿي لکنؤ موٽي آئي. سندس من جي مايوسي پر ڪري
آڏامي وئي.

درباري ڳائڪا - ١٩٤٣ ۾ سندس قسمت وري
پلٽو کاڌو. رامپور رياست جي نواب رضا علي خان جي دربار ۾
مکيه ڳائڪ جي عهدي لئي مقرر ٿي. ان سستانيءَ جي
زماني ۾ کيس ٻه هزار روپيا ماهوار پگهار ملندي هئي ۽
ان کان به وڌيڪ کيس عزت ملندي هئي.

نواب رامپور وٽ لکنؤ جو هڪ نوجوان قابل
بئريسٽر **اشتياق احمد عباسي** ايندو هو. هو نواب جو
جگري دوست هو. نهايت خوش اخلاق ۽ ترقي پسند
زنده دل انسان!

والفورڊ جي احسانمند رهي. جن سندس خشڪ زندگيءَ ۾ نئين بهار آندي ۽ نئون ورق وراڻيو.

اهو احسان بيگم اختر هڪ نذراني جي روپ ۾ چڪايو. بوس صاحب جي بدلي ٿي، ساڳيو هارمونيم بيگم اختر کيس سڪ پري سوغات جي ڏيندي چيو ته هو روزانو رياض ڪندو رهندو.

بيگم اختر جي ڳائڻ سان ريڊيو اسٽيشن ۽ رڪارڊنگ ڪمپنيءَ کي جڻ وڏو مان مليو. پر عباسي صاحب کانئس راڳڻي وڃڻ کان منع ڪري ڇڏي. جيڪڏهن ڪو اجورو ملندو هوس ته اهو خيرات ڪري ڇڏيندي هئي. گهر گرهستيءَ لاءِ بيگم کي ٻئيءَ تي ڀاڙڻو پيو.

هڪ دفعي وري ٻيو سمجهوتو ٽٽجي آيو.

ريڊيو اسٽيشن تي نيشنل پروگرام هو. ڪلاڪارن کي مهمانن جي سامهون ڳائڻ جي پرمپرا آهي. انهن ۾ اخبار نويس به موجود هئا. رڪارڊنگ وقت بيگم اختر يا عباسي جي شرط موجب پترڪارن کي هٽايو ويو. هو ناراض ٿي ويا ۽ اخبارن جي ڪالمن ۾ بيگم اختر جي سنگيت تي ٽيڪاٽپڻي ڪئي ويئي.

غلط پرچار برداشت ڪرڻ کان ٻاهر هو ۽ مجبور ٿي عباسي صاحب اهو بندش به هٽائي ڇڏيو. هاڻي بيگم اختر ساروجنڪ ڪارين ۾ به ڳائڻ شروع ڪيو.

ڪلڪتي جي سنگيت سميلن ۾ بڙي غلام علي خان،

دوا آهي."

عباسي صاحب ڏاڍو ڇرتائو ۽ گهر وارن جي پرواهه نه ڪري هن بيگم اختر کي ڳائڻ جي اجازت ڏني. ليڪن صرف گهر جي چوديوارين ۾. بيگم لاءِ اها به وڏي نعمت هئي. جڻ لاليون لوڻ لڳي.

ان ڏينهن لکنؤ جي ريڊيو اسٽيشن جو ڊائريڪٽر شري سنيل بوس عباسي صاحب جي گهر ايندو ويندو هو. ٻنهي جا گهرا تعلقات هئا. بوس صاحب کي به سنگيت جي چڱي ڄاڻ هئي. بيگم اختر به پرديي ۾ سندن گهر ويندي هئي.

هڪ ڏينهن بوس صاحب، عباسي صاحب جي گهر هارمونيم تي ٺومري، دادري جي ڌن گنگنائي. بيگم اختر جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو.

بوس صاحب ريڊيو اسٽيشن لئي ڳائڻ لاءِ عباسي صاحب کان اجازت گهري پر هن مجبوري ڏيکاري.

ان وچ ۾ جسٽس والفورڊ صاحب سان عباسي صاحب جي دوستي ٿي وئي. هن صاحب کي به سنگيت جي سٺي پرک هئي. بوس کي جڏهن سهارو ملي ويو. ٻنهي دوستن عباسي صاحب کي محسوس ڪرايو ته هيڙي مايه ناز ڪلاڪار کي گهر جي چوديوارين ۾ بند ڪري رکڻ روشن خيال عباسي لاءِ غير مناسب آهي.

زندگي ۾ بيگم اختر سنگيت جي پرستارن بوس ۽

هوندي هئي. ان لاءِ ”سُر سِينگار سَمسد“ ۽ اُن جي بائيڪارن جس لڌو. اڪثر ٻڙا مالهشوري هال، ٽاڳور هال، ٻولاپائي هال ٻيگم اختر جي سنگيت پريمين سان ڪڇاڪڇ ڀريل هوندا هئا.

اوڌ جي آخري تاجدار واجد علي شاهه جي سڌاريل ۽ سنواريل ٺومريءَ کي ٻيگم اختر اهڙي مستيءَ ۾ ڳائيندي هئي جو اُن ۾ لوائيءَ سان گڏ نئين شڪليءَ جو به درشن ڪيائين. خشڪ چيزن ۾ به رس ڀري عام ۾ مقبول بڻائڻ جو شرف هيرا ديوي مصرا، گرجا ديوي، نرملا اروڙا، لڪشمي شنڪر، رسولن ٻيگم کانسواءِ ٻيگم اختر کي آهي. ٻيگم جي هڪ خاصيت هوندي هئي ته هوءَ راڳ ۾ آواز يا آلاپ کي هڪ خاص انداز ڏيندي هئي. انکانسواءِ ميڊ، مرڪي، آلاپ، ٻڪار ۽ تان- اُنهن جا نوان نوان پرپوڳ ڪيائين ۽ سڦل رهي. اُنهيءَ سندس سنگيت دلڪش، مڌر ۽ انشيلو ٻڌڻ ۾ ايو. سُر سان گڏ هڪ هلڪي خراش- سندس راڳ ۾ چمتڪاري اثر پيدا ڪندي هئي. هڪ عجيب لذت ۽ لطافت جو احساس ٿيندو هو.

۱۹۶۳ ۾ افغانستان جي شاهي دربار ۾ بادشاهه ظهير شاهه جي دعوت تي پروگرام ڏنائين. زناني حرم ۾ سندس خاص محفل جو انتظام ڪيو ويو. سڀني کي موهي ڇڏيائين. ڪيس اليڪ سوڪڙين پاڪڙين کانسواءِ هڪ

اُستاد ولايت علي خان، اي- ڪانن، امير خان صاحب، ميران چٽرجي، جهڙن هستين جي مقابلي ڳائڻ جو ڪيس شرف حاصل ٿيو.

سنگيت ذريعي ٿيندڙ سموري آمدني هن جنهن فياضي ۽ نيڪدليءَ سان سنگيت جي وڪاس، اُسرندڙ ڪلاڪارن جي سهائتا ۽ ٻين نيڪ ڪارن ۾ خرچ ڪئي تنهن سندس عزت وڌائي ۽ ماڻهن ۾ شردا جاڳي.

بس پوءِ ته هڪ سلسلو شروع ٿي ويو. ڏيهه - پرڏيهه سڀني هنڌان سندس پروگرام لاءِ فرمائشون ۽ دعوتون اچڻ لڳيون.

سندس غزلن ٺمرين ۽ ٻين چيزن جا هزارين رڪارڊ ۽ ڪئسيٽ وڪرو ٿيڻ لڳا. اڄ به آڪاشواڻيءَ تان ور ور ڪري سندس رڪارڊ ٻڌڻ سان هڪ نئون رس پيو آنند ملي ٿو. خاص ڪري "ڪوئليا مت ڪر پڪار- ڪليجوا لاڳي ڪٽار" شڪيل جو غزل "اي محبت تيري انجام پر رونا آيا".

"همري اٽريا پر آئو سجنوا ۽ سارا جهڳڙا ختم هو جائي" "هماري ڪهي مانو راجاجي" وغيره قابل داد آهن. نيم ڪلاسيڪل راڳن کانسواءِ ٻيگم اختر لوڪ شيلين (FOLK) ۾ عام جي اڳيان نهايت دلڪش انداز ۾ پيش ڪندي هئي.

ٻمبئي ۾ ته سندس پروگرامن جي اڪثر ڌوم مچل

سان ڪاڏو تيار ڪري ڳائڻ ۾ کيس عجيب لطف ملندو هو. شايد ان ريت پنهنجي ممتا جو پرڏرشن ڪندي هئي. هن ٻين جا ٩ ٻار گود ورتا ۽ انهن جي پرورش ڪري کين هر طرح لائق بڻايو. ههڙو ايثار ۽ تياڳ ورلي ڪنهن ڪلاڪار ۾ ڏسڻ ۾ ايندو. ان مان سندس اصلي عظمت جو به ديدار ٿئي ٿو. نهايت حليم هوندي هئي. گهمنڊ ۽ تڪبر کان ته توبهه ڪندي هئي...

سن ١٩٧٢ ۾ سنگيت ناٽڪ اڪيڊمي اوارڊ سان سندس عزت افزائي ڪئي وئي.

زندگي ڀر رحمدل ۽ پاڪدامن ٿي رهي. سندس در تان شايد ڪوئي سوالي هٿين خالي موٽيو هوندو. تمدن، تهذيب، شائستگي ۽ شرافت جي مجسم هئي. ورهيه گذرڻ بعد به هن "ساٿي ڪلاڪارن" کي ڪين وساريو. بلڪ هزارن ڏنئي انهنکي هر طرح ڦسايو. چاهي ناٽڪ ڪمپني جا ساٿي اداڪار، چاهي همعصر فلم ڪلاڪار يا سنگيت جي سنگت ڪرڻ وارا سنگي ساٿي. سڀني سان هن پال پاليا. نهايت خنده پيشاني سان مٺي اردو زبان ۾ سندن خوش خيرعافيت پڇندي ۽ کيڪاريندي هئي.

مذهب جي پابند هوندي نيڪ سيرت، پرهيزگار ۽ نيڪ پروين مسلم خاتون جيان پنج ئي پهرا نماز ادا ڪندي هئي. سڀني مسلمان وانگر پڻ ڏرمن ۽ مذهبن

نهايت قيمتي شاهي غاليچو پيش ڪيو هو. اهي ڪيس بيحد خوشي ۽ اطمينان حاصل ٿيو ته سنڌ سنگيت جي ڀرپور قدرشناسي ٿي آهي، هنجي محنت سڦل ٿي آهي جا هر سچي ڪلاڪار جي تمنا ٿيندي آهي.

حب الوطنيءَ جو جذبو به هن ۾ ڪوٽ ڪوٽ ڀريل هوندو هو. ١٩٦٥ ۾ پاڪستان ڀارت تي حملو ڪيو. بيگم اختر سرحد تي وڃي پنهنجي قومي ترانن سان انساهت ڪيو. پونڇ، چمب ۽ راجوري جهڙن اهم فوجي مرڪزن ۾ جوانن کي ولــدرابو ۽ سندن حوصلو بلند ڪيو.

١٩٦٨ ۾ ڀارت سرڪار بيگم اختر کي ”پدم ڀوشڻ“ جو اعزاز ڏنو.

افغانستان کانسواءِ پاڪستان، نيپال، روس ۽ يورپ جي سڀ پاسن ملڪن ۾ سنگيت دلدارن ڀارتي ڪلا جو ڦهلاو ڪندي رهي. پاڻسان گڏ وطن جو نالو روشن ڪيائين.

ڀارت ۾ سنڌس مداحن، پرستارن، چاهيندڙن ۽ شاگردن جي اڄ به ڪمي ڪانهي. رِيتا گنگولي، شانتي هيرانند، شوڀا گرٽو، انجلي بئنرجي، ديپڪا بوس، وسندرا پنڊت، ۽ پاڪستان جــو مهدي حسين سندس مکيه شاگردن ۾ ليکيا وڃن ٿا.


ڪيس اولاد ڪونه ٿيو پر پنهنجي شاگردن کي ڪٿن

جو احترام ڪندي هئي ۽ بزرگن لاءِ ڪيس بيحد عقيدت ۽ عزت هوندي هئي. ٻه پيرا حج به ڪري آئي.

ماءُ نه بڻجڻ جو ارمان سندس دل ۾ درد بڻجي پيو ۽ سندس اردو غزلن جي مرم پنهان اها "اولاد جي ڪميءَ" جي پيڙا لڪل هوندي هئي. لڳاتار پروگرامن سندس صحت ڊاهي وڌي. نيٺ الوداع جي گھڙي آئي- ٣٠ آڪٽوبر ١٩٧٤ تي احمدآباد ۾ راڳ ۽ سرود جي محفل ۾ ڪيس دل جو دورو پيو ۽ پوين پساهه کنيائين. لکنؤ ۾ وڏي عزت ۽ عقيدت سان ڪيس دفنايو ويو ۽ ساڳي عزت، ادب ۽ شرڌا سان هن مهان سنگيتڪار کي سنگيت پريمي ياد ڪندا رهندا.



The best watches wear
Bentex
watchstraps · bracelets




FOUNDATION FOR 120M·W T.G.SET
FOR KORADI THERMAL POWER STATION
NAGPUR (Maharashtra State)

When you choose the lesser of two evils,
Always remember, it is still an evil !

–Max Lerner

ليکڪ جون ٻيون رچنائون

ليکڪ: ٽهلرام آزاد



TAHILRAM AZAD

جهانسي جي راڻي
(انواد) "هندستان ساهت مالها" ١٩٥٧

شفاخانو (انواد) "ساهتيه اڪادمي"

باپوءَ جي سپنن جو سوراج
(ڀارت سرڪار طرفان ١٩٧١ جو انعام حاصل ڪيل)

پنچائتي راڄ
(ڀارت سرڪار طرفان ١٩٧٢ جو انعام حاصل ڪيل)

گهر جي روشني (روسي ڪهاڻين جو مجموعو)
١٩٧٩ جو سوويت لئنڊ نهرو شانتي اوارڊ حاصل ڪيل